More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ايامكاريءَ ۾ ڏيڻ لاءِ لازمي هو ته مٽي سان بنا وزن جي سوئي ڪپڙي ٽڪر وڌهين ۽ چيلهه سان ڪو سگهه ٻڌي لٽڪائي ڇڏين ته ماڻهو (ڪين ڀري کان سڃاڻن ۽) ڪين هٽ نه لائين - ڏسو Ras Mala. Reprint, 1924,I/110. (هوڙي والا)

[۴۸]/۶۶ ڪسريٰ بن هرمز جي مرڻ کانپوءِ بادشاهي جو ڪاروبار هڪ عورت جي هٿ ۾ اچي وئو هو: هن عورت جو نالو "بُوران دُخت" هو ۽ هوءَ ڪسريٰ بن هرمز جي ڏيءَ هئي. هوءَ ڪسريٰ جي مرڻ کانپوءِ يڪدم تخت تي ڪانه ويٺي بلڪ، بقول حمزه اصفهاني، ڪسريٰ بن هرمز جي مرڻ کانپوءِ ۸ مهينا قباذ بن ڪسريٰ بن شيرويه حڪومت ڪئي، جنهن کانپوءِ اردشير بن شيرويه ڏهه سال حڪمراني ڪئي، انهن ٻنهي کانپوءِ بُوران دُخت بنت ڪسريٰ گادي تي ويٺي (سني ملوک الارض والانبياء، ص ۲۲). ساڳئي ڪتاب ۾ (ص ۱۸) مصنف، موسيٰ بن عيسيٰ الڪسروي کان روايت ڪئي آهي ته قباذ ۽ اردشير کانپوءِ ۽ بوران دخت کان اڳ ۾، شهرزاد نالي هڪ ٽئين شخص بهه بادشاهي جون واڳون ورتيون مگر هو ساساني گهراڻي مان نه هو. حمزه اصفهاني جي حساب موجب بُوران دُخت جي حڪومت وارو عرصو هجري سال انهن يا نائين مطابق ٽيندو، بشرطيڪ مسعودي جي روايت (مروج الذهب، جلد ۱۱- باب جوامع التواريخ) موجب يزدگرد جو قتل سنه ۳۲ هجري ۾ تسليم ڪجي. (ن - ب)

[۴۸]/۶۶ ارمابيل: يعني ارمن بيلو جو موجوده لسبيلي جو هڪ مشهور شهر هو ۽ ساموندي ساحل جي نزديڪ هو. عرب مؤرخن ۽ جغرافيه نويسن جي ڪتابن ۾ (شايد ڪاتبن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي غلطي سبب) هن شهر جو نالو "ارمائيل" ۽ "ارميل" ٻڌايو ويو آهي. هن شهر جي محل وقوع متعلق ياقوت جي معجم البلدان (ارميل) ۾ ڏنل بيان ڪافي واضح آهي، حالانڪ ان وقت جا ڏنل ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪ، هن وقت صحيح جڳهه متعين ڪرڻ لاءِ ڪارگر نٿا ٿي سگهن. بقول ياقوت: هيءَ ديبل ۽ مڪران جي وچ ڌاري سنڌ جو هڪ وڏو شهر آهي. شهر ۽ سمنڊ جي وچ ۾ اڌ فرسنگ (ڏيڍ ميل) جو مفاصلو آهي. هيءَ شهر ٻئي اقليم ۾ آهي. ان جو ڊگهائي ڦاڪ ۹۲ درجا ۱۵ دقيقا ۽ ويڪرائي ڦاڪ ۲۵ درجا ۴۶ دقيقا آهي. (ن - ب)


۶۶/[۴۹] پنجپور: فتحناميءَ جي جملي نسخن جي پڙهڻي "ڪنزبور" آهي جا دراصل "قنزبور" جي ٻي صورتخطي آهي. عرب جغرافيه نويسن جي تصنيفن ۾ هن شهر جي نالي جي صورتخطي "قنزبور" يا "قنج بور" لکيل آهي جيڪا غالباً ڪاتبن جي غلطي آهي ۽ اصل صورتخطي "قنزبور" يا "قنج بور" آهي يعني "پنج پور" ۽ "پنج پور" غالباً ساڳيو اهو شهر جو هن وقت قلات رياست ۾ "پنجگور" جي نالي سان مشهور آهي - ڏسو تصديق لاءِ ڏسو:

Le Strange: Lands of the Eester Caliphate, P. 3-9
(ع - م)

۶۷/[۴۹] چچ بن سيلائچ بن بساس: چچ جي نسب متعلق فتحناميءَ ۾ هي واحد نقرو آهي. هوڙي والا جي خيال ۾ چچ دراصل "جَجّ" (Jajja) آهي. ڪشمير جي راجا جَياپيڊَ جي ياءُ جو پٽ اهو نالو هو (ڏسو ويديا: هسٽري آف ميڊيوَل انڊيا ۲ × ۱۵، ۲). "جج نالو، مٿرا جي لڏڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مهابن جي هڪ سنہ ۱۱۵۰ع واري ڪتبي ۾ پڻ موجود آهي.
"جچ" دراصل "يَمَات" جي پراڪرت صورت آهي. جچ
جي بيءَ جو نالو سيلائج اصل ۾ يقيني طور "شِيلادِتْيا" معلوم
ٿئي ٿو. جچ جي ڏاڏي جو نالو فتحنامي جي نسخن موجب
"بساس" آهي جو ممڪن آهي ته ڪتبن جي غلطي سبب
"بساس" مان ڦيرائي "بساس" ڪري لکيو ويو هجي.
جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ "بساس" هوڙي والا جي
خيال ۾ شايد "رشٹواسَکَ" هجي جو مٿرا ۾ پڻ ڏاڙ جي
ڪيترن ئي ڪتبن ۾ ملي ٿو (هوڙي والا ص ص ۸۰ ۽ ۸۶).
فتحنامي جي مطالعي مان جچ ۽ سندس ڪٽنب جي ٻين
ياتبن جا نالا هيٺين طور مان ٿا. (ن ـ ب)



More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۶۷/[۴۹] توارن: يعني قلات جو ڏاکڻيون حصو يا خزدار وارو علائقو. عرب جغرافيہ نويسن جي بيانن مان پوري تصديق ٿئي ٿي تہ مڪران جي اپرندين سرحد قصدار (قزدار يا موجوده خزدار) وٽ ختم ٿي ٿئي، ۽ قصدار جي علائقي جو نالو توارن هو، جنهن جي گادي پڻ قصدار هو (ڏسو ابن حرقل ص ۲۳۳؛ مقدسي ص ص ۴۸۶ ۽ ۴۷۸؛ ياقوت - بلدان ۳ × ۵۵۷ ۽ المشترک ص ۲۹۶؛ قلقشندي عن ابن حوقل - صبح الاعشي ۵ × ۶۶): هن توران علائقي جي اپرندين سرحد، سنڌ جي هڏيءَ علائقي جي سرحد سان مليل هئي ۽ هڏيءَ علائقي جو شهر قندابيل هن سرحد جو نيشان هو. توارن درحقيقت ڪيڪانان جو هڪ پرڳڻو هو. ڪيڪانان جو ڏاکڻيون حصو ئي توارن وارو علائقو هو. امپيرئيل گزيٽيئر آف انڊيا، ۱۹۰۸ع (۱۴ × ۲۷۵) ۾ توران کي موجوده جهالاوان رياست سان تعبير ڪيو ويو آهي.
(ن - ب)

۶۷/[۴۹] قندابيل (يعني قندار): "يعني قندار" وارو فقرو غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم طرفان وڌايل آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ترجمي ۾ ان کي ڊنگين اندر رکيو آهي. مگر اهو گماني اضافو صحيح نہ آهي ۽ قندابيل کي قندار سمجهڻ بالڪل غلط آهي. جيئن مٿي ص ۶۷ واري نوٽ ۾ ان کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي. قندابيل، سنڌ جي اتر - الهندي پرڳڻي هڏيه ۽ توران يعني خزدار واري علائقي جو سرحدي شهر هو. قندابيل، موجوده گنداوا، جو بلوچستان جي ڪيچ - گنداوا پرڳڻي ۾ آهي، جي جاءِ تي يا ان جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آسپاس هو. گنداوا، شڪارپور کان ٻولان پاس واري قديم گس تي آهي. (ن - ب)

۶۷/[۴۶] پورالي ندي: ريامت لسبيلي جي الهندي طرفان وهندڙ نديءَ جا سون ميائيءَ جي ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. (ن - ب)

۶۹/[۵۰] ڪنوج، سيهرس بن راسل جي حڪم هيٺ هو: هوڙي والا (ص ۸۰) سيهرس کي "شري هرشا" سمجهي ٿو. ڪنوج جو راجا هرشا مشهور آهي. البت سندس دؤر حڪومت ۽ هن واقعي جي وچ ۾ سن ۽ سال جي مطابقت غور طلب آهي. (ن - ب)

۶۹/[۵۱] سيهرس پنهنجي ٻاڻ برهاس بن ڪسائس کي روانو ڪيو: سڀ هن کان اڳ سيهرس جي پيءُ جو نالو راسل چاڻاهو ٿيو آهي؛ پوءِ برهاس بن ڪسائس سندس ٻاڻ ڪيئن ٿيو؟ فارسي متن جي عبارت "برادر خود" (يعني پنهنجو ٻاڻ) آهي، جا ممڪن آهي ته دراصل "برادر زاده خود" (يعني پنهنجو ڀائٽيو) هجي. تحفة الڪرام (۳ × ۸) ۾ برهاس جي عيوض بسايس آهي. (ن - ب)

۷۳/[۵۴] راوڙ: هن پوئين عرصي ۾ جن سنڌ جي تاريخ تي قلم کنيو آهي تن مان گهڻن راوڙ ۽ اروڙ کي هڪ سمجهيو آهي جو صحيح نه آهي. هن جاءِ واري عبارت مان ظاهر آهي ته راوڙ جي قلعي جو بنياد چچ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ رکيو مگر ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ هو مري ويو، ۽ ان بعد سندس پٽ ڏهر سينه ان کي مڪمل ڪرائي، انتي شهر آباد ڪيو جنهن جو نالو "راوڙ"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رکیائین. ان جي برعکس، اروڙ هڪ قديم شهر هو ۽ چچ کان اڳ راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ پڻ سنڌ جو تختگاهه هو. ازانسواءِ اروڙ انهر سنڌ ۾ (موجوده روهڙيءَ لڳ) هو، ۽ راوڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي دو آبي (Delta) واري ٻيٽ اندر هڪ مضبوط حفاظتي قلعو هو.

راوڙ جي قلعي ۽ شهر جي صحيح جڳهه متعين ڪرڻ مشڪل آهي. البت فتحنامي ۾ محمد بن قاسم جي ڏاهر سان لڙائي واري احوال مان هيءَ يقيني نتيجو نڪري ٿو ته راوڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي چوڙ واري ايراضي ۾ هو. هيٺيان دليل قابل غور آهن:

(۱) اول ته محمد بن قاسم اتر طرف سيوستان (سيوهڻ) ۽ هڏيه جي علاقن فتح ڪرڻ بعد سوڀي نيرون ڪوٽ ۾ آيو جو غالباً حيدرآباد واري جڳهه تي يا ان جي آسپاس هو. اتان هو ڪوچ ڪري اشبهار جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو ۽ وڃي راوڙ جي حد سامهون، مگر درياءِ جي الهندي ڪناري تي، جهيم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن ۾ منزل انداز ٿيو ۽ وڃي راوڙ جي حد سامهون، مگر درياءِ جي الهندي ڪناري تي، جهيم ۽ ڪرهل جي پرڳڻن ۾ منزل انداز ٿيو (ص س ۱۳۲ ۽ ۱۴۷). بعد جي تاريخي حوالن مان ثابت آهي ته ڪرهل يا گرهڙ، ٺٽي واري ايراضي جو حصو هو. پوءِ اتان به منزل ڪٽي اڳتي هيٺ جهيم جي پرڳڻي ۾ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ وڃي مهراڻ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ تختا تيار ڪرايائين (ص ۲۱۸). انهيءَ مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم لاڙ ۾ هيٺ ٺٽي ۽ ميرپور ساڪري واري ايراضي مان، جا مهراڻ جي چوڙ واري دوآبي ۽ ٻيٽ جي سامهون الهندي طرف هٿي، درياءِ ٽپيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۱) ٻيو ته محمد بن قاسم جي انهيءَ تياري ۽ تجويز وقت، لاڙ واري ايراضي جي جتن ۽ ساڪري جـــي وڏيرن جو ذڪر اچي ٿو (فتحنامو ص ۱۲۴). جت به قديم زماني کـــان شاهبندر ديوبڻ واري ايراضي ۾ رهندڙ آهن ۽ سندن انهن قديم بستين سبب ٿي نئين ضلعي جي ڏکڻ - اوپر واري ايراضي تي نالو ٿي "جاتي" پئجي ويو آهي.

(۳) ٻيو ته محمد بن قاسم جو مهراڻ جي الهندي طرفان ٿيو اوپر طرف راوڙ جي قلعي تائين پهچڻ واري بيان ۾ ڪيترن ٿي نندين درياڻن جو ذڪر اچي ٿو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تـــ اها مهراڻ جي هيٺين دوآبي يـــا ڊيلٽا واري ايراضي هئي. اول ته محمد بن قاسم ٻيڙين جي پل ٺهرائي مهراڻ جـــي وڏي شاخ تان ايرندي طرف ٿيو. آڏو جيسينه "جوء ڪوٽڪه" يعني ڪوٽڪه نالي درياء جي هڪ نندي شاخ رستي اچي "ٻيٽ جي قلعي" جي حفاظت ڪئي (ص ۲۱۰). هـن "ٻيٽ جي قلعي" کـــان ڪجهه پري "جوء نيطري" يـــا درياء جي ٻي هڪ نندي شاخ "نيطري" نـــالي هئي جتي راسل گرفتار ٿيو (ص ۲۳۹). محمد بن قاسم "ٻيٽ جي قلعي کان ڪوچ ڪري اڳتي اچا به "جوء ڏڏاواهم" يعني ڏڏاواهم راوي درياء جي اڇا به هڪ ٻي شاخ تي وڃي ڪئمپ ڪئي، جنهن کي راجا ڏاهر "هڏباري" جي نالي سان ٿي سڏيو (ص ۲۴۲). اڇا به محمد بن قاسم جي لشڪر ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ هڪ "جوء" يـــا "خليج" هئي (ص ۲۴۶ ۽ ۲۴۱) جـــا ٻيي اسلامي لشڪر جنگ شروع ڪئي (ص ۲۴۶)، ۽ لڙائيءَ ۾ عرب مجاهد وڙهندا وڙهندا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃي راوڙ جي قلعي تائين پهتا (ص ۲۶۳). آخر محمد بن قاسم جي فتح ٿي ۽ ڏاهر راوڙ جي قلعي لڳ، "مهراڻ نديءَ جي وچ ۾ (يعني دوآبي ۾) ڏڏاواهر وٽ مارجي ويو" (ص ص ۲۶۱ ۽ ۲۸۱).

فتحناميءَ جي متين حوالن مان صاف ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم، نيرون کوٽ کان گهٽو هيٺ لاڙ ۾ جهيم، کرهل ۽ ساکري جي ايراضيءَ ۾ کنهن هنڌان درياءَ ٽپيو، ۽ سنڌس لشکر ۽ ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ جنگ واري اراضي، مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي مختلف ڇوڙ وارين شاخن واري اراضي هٿي، ۽ راوڙ جو قلعو خود هڪ اهڙي شاخ "ڏڏاواهر" جي لڳ هو.

فتحناميءَ جي بيان مان هيءُ پڻ صاف ظاهر آهي تہ راوڙ، برهمڻ آباد کان يقيني طور گهٽو هيٺ لاڙ طرف هو ڇاکاڻ تہ راوڙ جي فتح بعد، محمد بن قاسم جڏهين برهمڻ آباد جو رخ ڪيو تہ اول ڪوچ ڪندو 'بهرور' جي قلعي وٽ پهتو جو ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص ۲۸۷). اتان وري ڪوچ ڪندو "آخر محمد بن قاسم دهليله ۾ پهتو" ۽ اهو قلعو پڻ ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص ص ۲۸۷-۲۸۹). ان بعد اتان برهمڻ آباد پهتو جو دهليله جي قلعي کي ويجهو هو (ص ۲۹۱).

متين حوالن جي بناء تي، ڪزنس (سنڌ جا آثار قديمه، ص ۲۳) جو هيءُ خيال خام آهي تہ راوڙ جو قلعو، اروڙ کان ۲۰ يا ۲۵ ميل اولهه ٻا اولهه - ڏکڻ طرف ڪنگري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي شهر کان ڪجهه هيٺ واقع هو. ساڳيءَ طرح ميجر راورٽي (سنڌ جو مهراڻ، ص ۲۷۲) جو تخمينو ته راوڙ، برهمڻ آباد کان اولهه طرف (ڪزنس جي اندازي موجب تقريباً ۱۰ـ ميل ڪن) هو، غلط آهي.

ڪزنس جي خيال ۾ (آثار قديمه ص ۲۳، نوٽ ۱) محمد بن قاسم جو درياءَ جي دوآبي واربن مختلف شاخن مان گذرڻ ۾ تڪليف ڏسڻ جو بيان ڪيو آهي، موجود ڪونهي، ۽ انهيءَ ڪري سندس خيال ۾ راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ممڪن نه آهي. مگر هيءَ گمان غلط آهي ڇاڪاڻ ته نتجناميءَ جي ٻنهين حوالن ۾ دوآبي خواه درياءَ جي مختلف نديءَن شاخن جو ذڪر موجود آهي. ميجر راورٽي پڻ راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ناممڪن سمجهي ٿو ڇاڪاڻ ته، سندس خيال ۾ (سنڌ جو مهراڻ، ص ۲۳۹ حاشيو) راوڙ تي محمد بن قاسم جي حملي وقت آبڪلاڻي جي موسم هئي، ۽ ان موسم ۾ دوآبي مان گذرڻ مشڪل آهي. راورٽي جو دليل ايڏو وزندار ناهي ڇاڪاڻ ته، فوج جو دوآبي مان گذرڻ ڪٽي مشڪل هجي مگر ناممڪن ناهي. پيو نتجناميءَ مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم جڏهن پهرياڻين نيرون ڪوٽ ۾ آيو، تڏهن اڃا اتي مهراڻ جو پاڻي ڪونه آيو هو مگر برسات جي اوائلي موسم هئي ۽ پاڻي اڃا وارو هو. ان بعد محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ فتح ڪيو، ۽ اتان مٿي وڃي سيوستان ۽ ٻڌهه جا علائقا فتح ڪيائين، ۽ اتان موٽي نيرون ڪوٽ ۾ آيو ـ ٻوءِ اتان وڃي اشبهار جو قلعو فتح ڪيائين ۽ ان بعد ڏاهر جي مقابلي لاءِ مهراڻ ٽپي جا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سائباڻا ڪيائين. ان جي معني ٿي نيرون ڪوٽ ۽ سندس ٻوريين آمد بعد ڪاڻي عرصو گذري چڪو هو ۽ غالباً مهراڻ ٽپڻ وقت آبڪلاڻي جي موسم تقريباً ختم ٿي چڪي هئي.

ڊاڪٽر داؤد ٻوٽي جو گمان آهي ته "راوڙ" موجوده حيدرآباد واري جڳهه تي هو (فتحنامو، فارسي ايڊيشن، ص ۲۵۸ تي ڏنل ص ۴۷ جو حاشيه). اهو گمان ٻڌ درست ناهي چاڪاڻ ته حيدرآباد واري جڳهه تي غالباً "نيرون ڪوٽ" هو. ازانسواء فتحنامي جي حوالن ۾ صاف ظاهر آهي ته راوڙ هيٺ لاڙ ۾ جهيم، ڪرهل (ننڍي جي اتر اوپر واري اراضي)، ۽ ساڪري طرف درياءَ جي دوآبي ۾ هو. هوڙي والا (ص ۸۷) جي راءَ ـ ته، راوڙ، نيرون ڪوٽ ۽ برهمڻ آباد جي وچ ۾ هو ـ ٻڌ سڀهم آهي. هيگ، جنهن مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي قديم شاخن جي ڪاڻي تحقيق ڪئي، تنهن جي راءِ ۾ راوڙ، هيٺ، لاڙ ۾ وڏگي جي آسپاس، ايرندي ناري جي ڪپ تي، برهمڻ آباد کان تقريباً ۸ ميل ڏکڻ ۽ نيرون ڪوٽ کان اٽڪل ۷۰ ميل ڏکڻ ـ اوپر طرف واقع هو (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ص ۶۳-۶۴). هيءُ تخميو فتحنامي جي حوالن جي روشني ۾ البت قرين قياس آهي. اسان جي خيال ۾ راوڙ جو قلعو غالباً لاڙ ۾ موجوده ننڍي ضلعي جي شاهبندر سب ڊويزن ۽ حيدرآباد ضلعي جي ٽنڈي ڊويزن جي حدن ۾ ڪنهن جاءِ تي واقع هو. ٽالي جي مناسبت سان، شاهبندر ڊويزن ۾ قديم شهر رڙي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا کندرات شايد انهيءَ قديم راوڙ جي قلعي ۽ شهر جا هجن.

بهرحال راوڙ هيٺ لاڙ ۾ هو جتي غالباً سمند جي ويجهي هئڻ سبب اوڻهاري ۾ به اتي جي "هوا سوانق" هٿي، ۽ انهيءَ کري ڏاهر "گرميءَ جا چار مهينا راوڙ ۾ ترسندو هو" (فتحنامو ص ۹۳).

چئي ڏئو سگهجي ٿو. اهو شهر کيئن ۽ کڏهن ڦٽو. محمد بن قاسم جي فتح وقت به هن شهر کي: درياڻي رستي تي واقع هئڻ سبب هڪ مرکزي حيثيت حاصل هئي.. چنانچ برهمڻ آباد جي فتح بعد جڏهن محمد بن قاسم حڪومت جو نظام درست کيو تڏهن "نوبه بن دارس کي راوڙ جي قلعي تي مقرر کيائين، جيئن انهيءَ جاءِ تي ٻڙيون تيار رکي: جيڪا به ٻڙي مٿان يا هيٺان اچي خواه وڃي، ۽ جيڪڏهين انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي تہ جهلي راوڙ جي قلعي ۾ ڪٽي وڃي. انهيءَ (راوڙ) کان مٿي وارين ٻڙين جو اختيار ابن زيادالعبدي کي ڏنائين. کچ وارو طرف.... هذيل بن سليمان الازدي کي ڏنائين" (فتحنامو ص ۳۱۸). هن حوالي مان اهو دليل به نکري ٿو تہ راوڙ واري سرحد پرياڻ کچ جي سرحد سان لاڳو هئي. راوڙ جو شهر محمد بن قاسم جي فتوحات کان تقريباً پنج سؤ ورهيه پوءِ به شايد موجود هو، جاکاڻ تہ ياقوت پنهنجي کتاب معجم البلدان (راور) ۾، ۱۲۲۴-۱۲۲۸ع ڌاري لکي ٿو تہ: "راوڙ، سنڌ ۾ هڪ وڏو شهر آهي جنهن کي محمد بن قاسم فتح کيو." بقول هوڙي والا (۸۷) راوڙ بابت هڪ حوالو ۱۶۱۲ع جو ملي ٿو. انڊيا آفيس لئبريري ۾، هڪ پهلوي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کتاب "Dina-i- Mainog-i- Khirad" جو فارسي منظوم ترجمو موجود آهي، جو سنہ ۱۶۱۲ع ۾ Rowar in Sind جي هڪ رهاکو مرزبان زرتشتي فالي کيو (ڏسو: Sachau, J, R. S. A. New Series, IV. 24; West Pahlavi Texts, III in Secred Books of the East, XXIV, Introduction, P. xxiii) ممکن آهي ته هن کتاب جو "راور" اصل ۾ "ارور" جي غلط صورت هجي. پر جيڪڏهن اهو فالو ساڳيو زور بحث "راوڙ" جو آهي ته پوء چنبو ته ۱۶۱۲ع ڌاري راوڙ موجود هو. انهيءَ لحاظ سان شايد راوڙ ساڳيو شاهبندر سب ڊويزن وارو قديم قلعي شهر "رڙي" هجي جو مقامي روايتن مطابق ۽ ڪي سؤ ورهيه اڳ برباد ٿيو. انهيءَ آخري دؤر ۾ رڙي جتن جي قوم جو مکيه شهر هو، جو شايد کانئن کيهرن جي قوم قرض جي عيوض پنهنجي قبضي ۾ کيو. مثال مشهور آهي ته: "رڙي ڪن ۾ پڙي، مليو جتن کي جواب." لاڙ ۾ کيهر قوم جو مڪمل زوال تقريباً ۱۷ صدي عيسوي جي آخر ڌاري ٿيو ۽ غالباً انهيءَ عرصي ۾ رڙي جو شهر قلعو. (ن ب)

۹۵/[۷۰]: محمد علافي عرب: هيءَ محمد علافي غالباً ساڳيو "محمد حارث علافي" (يعني محمد بن حارث علافي) آهي جنهن جو ذکر هيٺ ص [۶۰] تي آيو آهي. ص [۱۳۸] تي سندس نالو "محمد" آيو آهي ۽ ص [۱۴۰] تي "علافي." سڄي ڪتاب ۾ فقط ص [۱۶۰] تي ئي سندس سڄو نالو "محمد حارث علافي" ڏنل آهي ۽ ان بعد هر جڳهه تي سندس نالو "محمد علافي" ڄاڻايل آهي. ڏسو ص ص [۱۶۰-۱۰۴]،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[۱۷۰-۱۷۲] ۽ [۱۹۳-۱۹۴]. محمد علافي اصل ۾ عرب فوج جي شامي لشڪر جي سپاهين مان هو - ڏسو ص [۱۳۸].

اڳتي هن صفحي ۹۵ تي چاڻايل آهي ته هن علافي شخص، عبدالرحمان بن اشعث کي ..... قتل ڪيو هو. اهو غلط آهي. علافين درحقيقت خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ مڪران جي گورنر سعيد بن اسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو جاڪان ته هن سندن هم وطن ۽ هم قوم سفهوي بن لام الحماني ذالي هڪ شخص کي مارايو هو - ڏسو هيٺ فتحنامو ص ص [۸۵-۸۶]. فتحنامه ۾، سعيد خلاف هن سازش ۾ جن علافين حصو ورتو تن ۾ محمد بن حارث علافي جو نالو چاڻايل ڪونهي. ڏسو ص [۸۶]. مگر مؤرخ بلاذري، معاويي ۽ محمد بن حارث علافي ٻنهي کي هن سازش جا اڳواڻ ڪري لکيو آهي (فتوح البلدان، ص ۴۳۵). علافين سعيد کي قتل ڪري مڪران تي قبضو جمايو. ڏسو فتحنامو ص [۸۶]. تان جو سنہ ۸۵ هجري ڏاري حجاج، مجاعة بن سعر کي مڪران طرف روانو ڪيو جنهن جي اچي پهچڻ کان اڳ علافي ڀڄي وڃي سنڌ جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا. فتحنامو ص [۸۸]. انهيءَ لحاظ سان رمل جي راجا خلاف محمد علافي جي ڪارروائي سنہ ۸۵ هجري بعد سمجهڻ گهرجي. (ن - ب)

۹۷/[۷۱] هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشڪر جي پهرين لڙائي رسول صلعم جي هجرت کان ۷۰ ورهيه پوء اميرالمومنين حضرت عمر رضه جي خلافت ۾ واقع ٿي:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهـو صحيح آهي ۽ سؤرخ بلاذري ۽ مدائني جي سنڌ سان اسلام جي هن اوائلي حملي جي خبر نقل ڪئي آهي تـــ: حضرت عمر ، سـنـه ۱۵ هجري ۾ عمان بن ابي العاص الثقفي کي بحرين ۽ عمان جو گورنر مقرر ڪيو، جنهن پنهنجي پاڻ الحڪم کي ٺاڻ (ٺاڻو، بمبئي طرف) ۽ بروص (برويچ، گجرات) تي حملي لاء موڪليو ۽ پنهنجي ٻئي ڀـاءُ مغيره کي ديبل ڏانهن روانـــو ڪيو - (فتوح البلدان ، ص ص ۴۳۲-۴۳۱) . البت هيٺ نتحنامي جي ص ۹۸ تي هن روايت جو ٻهريون حصو صحيح نه آهي ته مغيره کو ديبل ۾ لڙندي شهيد ٿيو. بلاذري صاف طور لکيو آهي تـــ هن دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪيائين (فتوح ، ص ۴۴۲). ٻين تاريخي حوالن مان بـــ ثابت آهي تـــ مغيره پوءِ زندهه هو. هن حملي جي مڪمل تفصيل لاء ڏسو اسان جو مضمون "هندستان تـــي اوائلي عرب حملن جو سن تاريخ"، مطبوع "اسلامڪ ڪلچر" مخزن، جولاء ۱۹۴۶ع، حيدرآباد دکن. * (ن - ب)

۹۹/[۷۳] اميرالمومنين عثمان بن عفان رضه ..... هند ۽ سنڌ جي لڙائي تي لشڪر موڪلڻ ڪهڙيو: حضرت عثمان جي هن ارادي لاء هڪ خاص سبب هو. نتحنامي ۾ هن واقعي کـان اڳ واري هڪ لڙائي جا حضرت عمر جي خلافت ۾ اسلام ۽ سنڌ جي لشڪر جـي وچ ۾ لڳي تنهن جـو ذڪر ڪونهي. مگر ، بقول طبري (۱ × ۲۷۰۷) اسلام جو

---

* "The Probable Date of the Early Arab Expeditions to India", Islamic Culture, Hyderabad Deccan, Issue of July 1946.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لشکر حڪم بن عمرو التغلبي جي سڀ ساڙي هيٺ مڪران ۾ (ايران جي ساساني حڪومت جي گورنر جي فوج سان مقابلي ۾) هو، جو سنڌ جي لشکر اوچتو ڏهر ڏيئي اچي اسلام جي لشکر تي حملو ڪيو. غالباً سنڌ جي راجا طرفان هن "جنگ نهر" واري ڪيل اگهاڙي جي ڪري ڏسي حضرت عثمان رضه سنڌ تي لشکر جو ارادو ڪيو. (ن ـ ب)

۹۹/[۷۳] لشکر قندابيل ۽ مڪران ۾ هو: نقط فتحناميءَ جو هيءُ حوالو ڏسي آهي جو انهيءَ وقت شهر قندابيل ۾ اسلام جي لشکر جي موجودگي ڏيکاري ٿو. ٻئي ڪنهن بـ تاريخ ۾ ان جو ذڪر ڪونهي. غالباً هيءُ لشکر عبدالله بن عامر وارو هو (ڏسو ـ بلاذري فتح سجستان)، يا حضرت عمر جي عهد ۾ ايران تي اسلامي لشکر جي وسيع حملي (الانسياح يا General Invasion) واري فوج جو ڪو حصو هو. (ن ـ ب)

۱۰۰/[۷۴] شعر ـ وَأَهْلَكْتَنِي لڪم في ڪل يوم الخ: ابـوزيد، ڪتاب النوادر (طبع بيروت ص ۱۶۱) ۾ هـي بـ بيت، جاهلي شاعر علي بن طفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهـن. وري لسان العرب (جلد ب ص ۲۵۴) جـي مصنف اهي عـامر بن الطفيل السعدي ڏانهن منسوب ڪيا آهـن. تاج العروس (جلد ۱۲ ص ۱۱۶) ۾ صرف هيو بيت شاعر جي نالي بغير ڏنل آهي ـ (بـ شڪريه استاد عبدالعزيز الميمني). سر چارلس لايال هي ۾ بيت عامر بـن طفيل جي ديوان (ص ۱۵۸) ۾ درج ڪيا آهن، جتان درست ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مت ڏنا ويا آهن. اهي بئي هيجوَ ۽ ڪوار جا پيا لکڻ ۽ تعجب آهي جو انهن کي مدح سمجهيو ويو آهي. (غ-ف)

۱۰۱/[۷۴] حضرت علي رضه جي تعريف ۾ شعر چيائين: يعني حڪيم بن جبلة هي شعر چيو. حڪيم، بنو الديل جي قبيله مان هو ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس سجو نالو حڪيم بن جبلة بن حصين بن اسود بن ڪعب بن عامر بن الحارث بن الديل (جمهرة ابن حزم- جلد ۲). سندس حالات ابن خلڪان (وفيات ۸۴۴) ۽ ابن حجر (اصابه ۱ × ۷۷۹) تفصيل سان درج ڪيا آهن. حڪيم انهن چئن ڪمانڊرن مان هڪ هو جن حضرت عثمان رضه جي شهادت ۾ حصو ورتو (العقدالفريد ۲ × ۲۶۶-۲۶۹). حڪيم حضرت علي رضه جي طرفداري ۾ هو ۽ خارجين سان بصره جي نزديڪ "زابوقه" واري جنگ ۾، جا "نهروان" واري لڙائي ڪان اڳ لکي، مارجي ويو. (رسالة للجاحظ في بني اميه، ملحقة في آخر ڪتاب "النزاع والتخاصم" للمقريزي، طبع مصر، ص ۱۹۳). حضرت علي رضه جي منقبت ۾ سندس اوجوزه جون هيٺيون مصراعون "العقد الفريد": ۲ × ۶۵) ۾ ملن ٿيون:

دَعاهُ كَيْمُ دَعْوَةً سَمِيْعَةً. نَالَ بِهَا الْمَنْزِلَةَ الرَّفِيْعَةَ. (ن-ب)

۱۰۱/[۷۵] حڪيم بن جبله جو قول- ماءُ هذا وشل- الخ: بلاذري ۾ اها رپورٽ حڪيم ڏانهن منسوب ڪئي آهي (فتوح البلدان، ص ۴۲۲)، غالباً اهو- صحيح آهي. ياقوت پڻ "معجم البلدان" (۴ × ۶۱۳) ۾ ساڳي اها روايت نقل ڪئي آهي. البت طبري (۱ × ۲۷۰۷)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهـــي الفاظ صحار العبدي ڏانهن منسوب ڪيا آهـــن، جو مڪران جي ڪمانڊر حڪم بن عمر و التغلبي طرفـــان خمس ۽ غنائم ڪـــٽي قـــاصد طور حضرت عمر ڏانهن ويو هو (طبري ۱ × ۲۷۰۷). مگر غالباً اهو صحيح نـــ آهي، ڇاڪاڻ ته ان وقت صحار العبدي خود، بقول طبري، ٻئي هڪ ڪمانڊر احنف بن قيس سان گڏ هو جنهن ڪيس ان وقت هرات ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو (ڏسو طبري ۱×۲۶۸۲). ابن قتيبه پنهنجي "عيون الاخبار" (۱۹۹۷×) ۾ اهـــا رپورٽ ڪنهن شخص طرفان حضرت عمر جي آڏو ڪري ڇاڻائي آهي مگر ان شخص جو نالو ڪوبه ڏنو ناهي. "الاخبار الطوال" (طبع يورپ، ص ۳۲۶) ۽ "محاضرات راغب اصفهاني" (طبع مصر، ۲ × ۲۶۴) ۾ اهي الفاظ، ابن القريه ڏانهن منسوب ٿيل آهن. ٻئي طرف تقي الدين حموي جي "ثمرات الاوراق" (۲ × ۶۱)، ابن حامد ڪرماني جي تاريخ ڪرمان- "عقدالعلي للموقف الاعلي"- (طبع طهران، ص ۶۴)، تـــوڙي "تاريخ گزيده" (ص ۲۷۰ نالي جي غلطيء سان) ۾ اهـــي الفاظ غضبان بن القبعثري نالي شخص ڏانهن منسوب آهن جي هن حجاج کي هڏايا. (ن - ب)

۱۰۲/[۷۶] عبدالله کي سندڙ ڏانهن لشڪر موڪلڻ کان منـــع ڪري ڪوبه ماڻهو نـــ موڪليائون: مـــؤرخ بلاذري ٻڌ هن گالهه جي تائيد ڪري ٿو ته حضرت عثمان حڪيم جي رپورٽ هڏڻ بعد ڪنهن بـــ سپه سالار کي انهيء سرحد تـــي جنگ لاء ڪونـــ مـــوڪليو. "فلم يغزها احداً"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(فتوح البلدان، ص ۴۴۳). مگر مؤرخ طبري سنہ ۲۹ هجري جي حالات هيٺ لکي ٿو تہ: حضرت عثمان رضہ عبيدالله بن معمرالتميمي کي مڪران ڏانهن موڪليو جنهن اتي دشمن جي فوج جي پوري صفائي ڪئي ۽ وڏندو وڃي "نهر" تي پهتو ..... ان بعد عبيدالله کي فارس ڏانهن بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جڳهہ تي عمير بن عثمان بن سعد کي مقرر ڪيو ويو. [ان بعد غالباً فارس ۾ عبيدالله جي شهيد ٿيڻ بعد عمير کي فارس ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ابن ڪنديز القشيري کي سندس جاءِ تي مڪران ۾ مقرر ڪيو ويو] . حضرت عثمان جي شهادت وقت عمير بن عثمان فارس جو ڪمانڊر هو ۽ ابن ڪنديز القشيري مڪران جو ڪمانڊر هو- ڏسو طبري ۱×۲۸۲۹-۲۸۳۱؛ ابن الاثير ۳×۴۸-۴۹؛ ۽ ابن خلدون - بقيہ الجزء الثاني ص ۳۳-۲۱۳۱. (ن - ب)

۱۰۲/[۷۶] تذهين شهر وارن جو پاڻ ۾ جهيڙو ۽ مخالفت ٿي پئي: ان وقت جي جهيڙي فساد جو مرڪز بصره هو ۽ انهيءَ ڪري شايد "شهر" مان مراد شهر بصره هجي. اصل فارسي متن ۾ "اهل شهر" آهي جو پڻ ممڪن آهي تہ اصل عربي عبارت "اهل المدينة" جو غلط ترجمو هجي. انهيءَ لحاظ سان "شهر وارن" مان مراد "مديني وارا" پڻ ٿي سگهي ٿي. (ن - ب)

۱۰۲/[۷۶] حضرت علي رضہ ثاغر بن ذعر کي هندستان جي سرحد تي مقرر (ڪيو): ثاغر بن ذعر جو نالو فقط نتحنامي ۾ ڏنل آهي ۽ باقي ٻين تواريخن ۾ ان جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذکر کونهي. اڳتي هيٺ صفحي ۱۰۳ / [۷۷] تي چاڻايل آهي ته حارث بن مُرّه نالي هڪ بهادر سپه سالار هن لشکر، يعني ثاغر بن ذعر واري لشکر ۾ هو. مؤرخ بلاذري جي قول موجب حضرت علي رضه سنه ۳۸ هـ جي آخر يا سنه ۳۹ جي شروع ۾ هن حارث بن مُرّه العبدي کي هندستان جي محاذ جو سپه سالار ڪري موڪليو هو، جنهن "اتي فتح حاصل ڪئي ۽ ڪافي مال غنيمت ۽ قيدي هٿ ڪيائين ۽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ماڻهو تقسيم ڪيائين. ان بعد (هو اتي رهيو) تان جو سنه ۴۲ هـ ۾ هو ۽ سندس ساٿي، سواء ڪن ٿورن ماڻهن جي قيقان (ڪيڪانان) جي پرڳڻي ۾ (ڪنهن جنگ ۾) مارجي ويا" (فتوح البلدان، ص ۴۳۲).

حارث بن مرة العبدي، حضرت علي رضه جي حامين مان هو ۽ "صفين" واري لڙائي ۾ حضرت علي رضه کيس پنڌڻجي لشکر جي ساڄي حصي جو سپه سالار مقرر ڪيو هو (ڏسو المنقري جو "کتاب الصفين"، طبع ايران، ص ۱۰۷) حارث، ربيعه قبيلي جي مشهور سخي سردارن مان هو ۽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ماڻهن تقسيم ڪيائين ۽ پنج سؤ گهوڙا بخشش طور ڏنائين. ڏسو محمد بن حبيب جو "کتاب المحبر"، طبع حيدرآباد دکن، ص ۱۵۴. (ن ـ ب)

۱۰۳/[۷۷] هذلي ڳالهه ڪٿي آهي ته: هذلي يعني ابوبکر الهذلي. اسان جي خيال ۾ فتحنامي جي فارسي مترجم هن جاء

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تي هن کتاب جي مکيه راوي ابوالحسن المدائني جو ڏاڍو اختصار سببان، نه لکيو آهي، ورنه سڄي عبارت هن طرح ٿيڻ گهرجي هئا ته: "ابوالحسن چيو ته: هذلي ڪالهه ڪئي آهي- الخ". اسان جي هن نظريي لاءِ دليل هيءُ آهي ته، ابوبڪر الهذلي درحقيقت ابوالحسن المدائني جو هڪ مکيه ماخذ آهي، ۽ هذلي جون روايتون ستڻون ستو سندس واتان نه مگر اڪثر سندس روايتن ذريعي ئي اسان تائين پهتيون آهن. خود هن فتحناميءَ جي صفحن ۱۰۵/[۷۸] ۽ ۱۰۹/[۸۱] تي هذلي جون ٻه روايتون ابوالحسن (المدائني) جي وساطت سان نقل ٿيل آهن. صفحي ۱۰۴/[۷۸] تي هذلي جي روايت مهلب ذريعي، ۽ مهلب "ڪتاب وري" تاريخ جي مصنفن" ذريعي نقل ڪيل آهي؛ ۽ صفحي ۱۰۸/[۸۰] تي هذلي جي روايت وري "تاريخ جي سلجهائيندڙن" جي واتان نقل ڪيل آهي. انهن ٻنهي پوين حصن تي ٻه، "تاريخ جي مصنفن" ۽ "تاريخ جي سلجهائيندڙن" سان مراد غالباً ابوالحسن المدائني آهي، جو ئي درحقيقت هن فتحناميءَ جو مکيه راوي آهي. ٻين ڪتابن ۾ ٻڌل ابوالحسن المدائني جون ابوبڪر الهذلي کان نقل ڪيل تاريخي روايتون ملن ٿيون. مثلاً ڏسو بلاذريءَ جو "ڪتاب انساب الاشراف" مطبوع يورپ، جلد ۱۱، صفحو ۲۲۷. ابوبڪر الهذلي تاريخ جي مکيه راوين مان هو ۽ ان وقت جي اسلامي سلطنت جي مشرقي ملڪن، خصوصاً عراق ۽ سنڌ جي تاريخ جي ڪيس ڪافي ڄاڻ هئي. ان جو سبب غالباً اهو هو، جو هو مشرقي محاذ جي مکيه شهر بصري جي عالمن مان هو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بقول همداني، "ابوبكر الهذلي كان بصريا" (كتاب البلدان، ص ۱۶۷). مسعودي پنهنجي ڪتاب "مروج الذهب" (طبع پئرس ۱۲۲۱ھ، ۱۲۷) ۾ چاڻايو آهي تہ ابوبكر الهذلي، پهرئين عباسي خليفي ابوالعباس سفاح (۷۵۰-۷۵۴ع) جي هر نشيمن مان هو ۽ ساڻس سندس ڪچهريون هوندڙيون هيون. (ن - ب)

۱۰۴/[۷۸] (امير معاويه) عبدالله بن سوار [العبدي] ڪي سنڌ تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين: بقول بلاذري (ص ۴۳۳)، عبدالله ڪي بصري جي واڻسراء عبدالله بن عامر هن محاذ تي مقرر ڪيو؛ مگر بلاذري وڌيڪ چاڻائي ٿو تہ "ڪي چون ٿا تہ معاويه ڪيس مقرر ڪيو". فتحنامي جي هي روايت (ص ص ۱۰۵ ۽ ۱۰۶) موجب پڻ عبدالله جي تقرري براه راست امير معاويه ڏانهن منسوب ٿيل آهي، ۽ غالباً اهو صحيح آهي. مؤرخ بلاذري ان بعد عبدالله جي 'قيقان' تي حملي ۽ اوائلي فتوحات جو ذڪر ڪيو آهي؛ چاڻايو آهي تہ عبدالله، امير معاويه ڪي اتي جا گهوڙا سوڪڙي طور ڏنا (ص ۴۳۳). اهو بيان فتحنامي جي انهيءَ گالهه جي تصديق ڪري ٿو تہ امير معاويه، عبدالله ڪي ڪيڪانان جي گهوڙن موڪلڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو.

۱۰۷/[۷۹] (عبدالله) ابن سوار ڪافي لڙائيءَ کان پوءِ شهيد ٿيو: بقول بلاذري (ص ۴۳۳) عبدالله بن سوار اوائلي فتوحات حاصل ڪري، سوڪڙين وغيره سان امير معاويه جي ملاقات لاءِ آيو ۽ وٽس ڪجهہ وقت ترسيو. ان بعد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهين 'قيقانان' ڏانهن واپس وبو، نڏهين اتي جي ترڪن جو لشڪر مٿس غالب ٿيو ۽ کيس شهيد ڪيائون. ياقوت، 'معجم البلدان' (۴ × ۲۱۷) ۾ ساڳي بلاذري واري عبارت نقل ڪرڻ بعد لکي ٿو ته: بقول خليفه بن خياط، سنه ۸۷ هجري ۾ عبدالله 'قيقانان' تي حملو ڪيو، جنهن ۾ ترڪن جو وڏو لشڪر جمع ٿيو ۽ (لڙائيءَ ۾) عبدالله ۽ ٻيو ڪيٽو عام اسلامي لشڪر مارجي ويو. (ن - ب)

۱۰۸/[۸۰] آعْوَرشَنّي: يعني شاعر بِشْرُ بن مُنْقِذ بن عبدالقيس، جو 'اباسُنقذ' جي ڪُنيه سان پڻ سڏبو هو ۽ عربي ادب ۾ عام طرح "الاعورالشني" جي نالي سان مشهور آهي. "الشني" نسبت آهي. "بنوشن بن افصيٰ بن عبدالقيس بن افصيٰ" ڏانهن. جيئن ته "بنوشن" جو ٻاڙو "عبدالقيس" قبيلي سان هو، ۽ عبدالله بن سوار پڻ عبدالقيس قبيلي جو ئي شهسوار هو، انهيءَ ڪري اعورشني کي مٿس فخر آهي. هو عهد اسلام جي اعليٰ شاعرن مان هو ۽ کيس ڏسڻ پٽ هنا جي پڻ شاعر هنا ۽ "جَهْضَم" سڏبا هنا (سمط اللالي، ص۸۲۷). جنگ جمل ۾ اعوَر، حضرت علي رضه جي لشڪر ۾ شامل هو (" المؤتلف و المختلف" للامدي، تصحيح مستشرق سالم ڪرنڪوي - Krenkow، ص ۲۸). جنگ صفين ۾ پڻ حضرت علي رضه سان شامل هو ۽ کيترائي اشعار سندس منقبت ۾ چيائين ("كتاب الصفين" للمنقري، ص ص ۶، ۲۱۵، ۲۲۵ ۽ ۲۴۹). اعور شني جو قدري تذڪره ابن قتيبه جي "طبقات الشعر والشعراء" (ص ۴۰۶) ۾ موجود آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۱۵/[۸۴] پورالي جي حد ۾ وفاتِ ڪيائين : بقول بلاذري (ص ۴۳۴)، قصدار ۾ وفـات ڪيائين. "قلادة النهرفي و فيات اعيان الدهر" (نسخه قلمي، ڪتبخانو پير جهنڊو) ۾ جاڏايل آهي تہ منذر سنه ۶۱ هـ ۾ وفات ڪئي. (ن - ب)

۱۱۶/[۸۴] حڪم بن منذر: حڪم پنهنجي پيءُ منذر جي وفات بعد، مڪران ۾ هندستان جي محاذ جـو گورنر مقرر ٿيو. هو ڪوفہ ۽ پنهنجي قبيلي عبدالقيس جو نهايت مقدر سردار هـو (المحاسن و المساوي، ۱ × ۷۴؛ المعارف لابن قتيبه، ص ۱۷۲). بعد ۾ سندس چاچي عبدالله، حجاج جي خلاف بغاوت ڪئي، پـر رستقابـاذ وٽ مارجي ويو (المعارف، ص ۱۷۲). اعـزازت سبب حڪم جـي سائس همدردي هـئي، ۽ سندس سـوت تي مرثيه چيائين تـ: ابَا مَطَرٍ اقْرَرْتَ عَيْنَ عَدُوِّنا - وَكُلّ الي مان صيرُتَ سوف يَصيرُ - الخ - (بلاذري، الانساب، طبع يورپ، ۱۱×۲۹۶). غالباً انهيءَ ڪري ئي بالاخر حڪم ڪي حجاج هميشه لاءِ قيد ۾ رکيو، تان جو هو حجاج جي "الديماس" واري قيدخاني ۾ گذاري ويو - ڏسـو بلاذري، الانساب، طبـع جيروسلـم، ۵ × ۱۷۱. (ن - ب)

۱۱۶/[۸۴] عبدالله [بن] الاعور الحرمازي اڻي هـي شعر پڙهيا: اصل "فارسي متن ۾ "الحرمازي" جي بدلي "الخوازي" آهي- مگر صحيح "الحرمازي" آهي. سندس نالو عبدالله بن الاعور آهي، مگر ڪوڙي هٿ سبب "الكذاب الحرمازي" جي نالي سان مشهور آهي (ابن قتيبه، الشعراء ص ۴۳۰). هومنذر ۽ سندس پٽ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم جو خاص مداح هو. جاحظ "ڪتاب الحيوان" (١ × ٤٩) ۾ سندس مدح جي هيءَ مصر نقل ڪئي آهي:

قال الڪذاب الحرمازي:

"يا ابن المعلي نذلت احد الڪبر- داهية الدهر وصماء الغبر"

هن مصرع ۾ "ابن المعلي" مان مراد منذر (بن جارود وهربشر، بن عمرو بن حنش بن المنتلي) آهي. لغت "للسان" (ماده: غبر) ۾ به هي مصرع مختلف روايت سان الحرمازي ڏانهن منسوب آهي ۽ ممدوح جو نالو به صاف ظاهر آهي: "قال الحرمازي يمدح المنذر بن الجارود: انت لها منذر من بين المشتر- داهية الدهير وصماء الغبر"

ابن قتيبة (الشعرو الشعراء ص ٤٣٠-٤٣١ ۽ المعارف - ص ١٢٧) هي فتجناني وارو ساڳيو شعر (قدري مختلف روايت سان) "الڪذاب الحرمازي" جو ڪري چائيو آهي ۽ ان جو داد ڏنو آهي (الشعراء). ڪتاب المعارف ۾ اهو رجز هن طرح ڏنو آهي:

يا حڪم بن المنذر بن الجارود
سرادق المجد عليڪ ممدود
انت الجواد بن الجواد المحمود
نبتت في الجود و في بيت الجود
والعود قد ينبت في اصل العوده (ن - ب)

١٢٤/[١٨٩] چورن جو ٿولو جن ڪي ذڪاوڙ چوندا هنا: مؤرخ بلاذري (ص ٤٣٥) هن ٿولي ڪي ميدن جي هڪ قوم (قوم من ميد) ڪري چائيو آهي، جن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"ٻڙين ۾ چڙهي" حملو ڪري اچي جهاز ڦريو. ٿي سگهي ٿو ته نڪاموء ميد قوم جي هڪ شاخ هئي. خود نتجناسي جي صفحي ۱۲۶/[۹۰] تي "ميدن جي ديبل" جو ذڪر اچي ٿو- جنهن جي معني ٿي ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مؤرخن جي حوالن مان گمان ڪري ٿو، ته مڪران، سنڌ ۽ ڪائياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون جن جو پهڻو ٿي سامونڊي ڏاڙا ۽ ڦريون هو تن مان جي ميد آهي. مؤرخ بلاذري (ص ۴۴۰) صاف طور چاڻايو آهي ته ميد آهن جي سمنڊ ۾ ڏاڙا هٿن ٿا. "المید الذین یقطعون البحر." وري مڪران جي محاذ جي گورنر راشد بن عمر الجديدي جي باري ۾ لکي ٿو ته: اول انهن واري پهاڙي علاقي ڪيڪانان تي حملو ڪري فتح حاصل ڪئي ۽ ان بعد ميدن سان (مڪران ۾) جنگ جوٽيائين، جنهن ۾ شهيد ٿيو (ص ۴۴۳). عباسي دؤر ۾ سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران، قندابيل جي فتح بعد ميدن تي حملو ڪيو (ص ۴۴۵) ۽ سنڌ ۾ وري جتن جي مدد سان سمنڊ جي ڪاري ڪوٽائي، ميدن جي نشيب واري زمين پائي سان ٻوڙائي ڪين تباهه ڪيائين (ص ۴۴۶). خود مؤرخ بلاذري جي ڏينهن ۾ سورٺ (ڪائياواڙ) جي ميدن سان بصره وارن جي لڙائي ٿي هئي (ص ۴۴۰). انهن حوالن مان ظاهر آهي ته مڪران، سنڌ ۽ ڪائياواڙ جي ڪناري وارن سامونڊي ڏاڙيلن کي بلاذري "ميد" سڏيو آهي. لانگ ورٿ ڊيمس پنهنجي ڪتاب "بلوچ قوم" (ص ۱۷) ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکي ٿو ٿـ: ميد يا ميڊ، سنڌ ۽ مڪران جي (ساموندي) ڪناري جا قديم ماڻا آهن ۽ بلوچ اهو نالو حقارتاً استعمال ڪندا آهن. درياءَ سنڌ جي نزديڪ ميد نالو درياءَ جي ماڻن سان لاڳو آهي ۽ اڪثر "ميڊ ۽ ماڇي" ٻڌي نڙ الا گڏ استعمال ٿيندا آهن.

سنڌ جا ميد غالباً سنڌ جي ساموندي ساحل جا سمربجر هئا. هاڻوڪو لفظ "ميد" شايد "ميد" جي بدليل صورت هجي. اڄا تائين ڪاري طرف حقارتاً چوندا آهن ته "ٽون ڪو ميد آهين" يا "ٽون ڪو ميڏه آهين" يا "ٽون ڪو مي آهين." ڪراچي کان ويندي ڪيڻي بندر تائين هن وقت انهن ماڻهن ۾ "نڪامره" يا ان جي بدليل تلفظ وارو ڪنهن به قبيلي جو نالو نٿو ملي. البت تحفة الڪرام جي هڪ حوالي مان (جيڪڏهن اهو سچو آهي) معلوم ٿئي ٿو ته "نڪامره" قوم ۱۱ـ صدي هجري جي نصف اول تائين موجود هئي. مير علي شير قانع لکي ٿو ته: شاهجهان بادشاهه پنهنجي شهزادگي واري وقت ۾ جڏهن پنهنجي والد جهانگير بادشاهه کان ڪاوڙجي ڪٻي ۾ آيو، تڏهن نواب شريف خان (شرفا خان؟) ۽ ڪڪرالي جي جام سندس مخالفت ڪئي، مگر ڏاراجه جي راڻي، "نڪامره قوم"، ۽ حمل جت سندس مدد معاونت ڪئي. انهيءَ ڪري تخت تي ويهڻ بعد شاهجهان، نواب امير خان کي سنه ۱۰۳۷ھ ۾ ڪٻي جو نواب مقرر ڪيو، ته ساڻن سهڻو سلوڪ ڪري ۽ ڪين نوازي (تحفة الڪرام، مطبع ناصري، دهلي، ۳ × ۹۵).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com


جيڪڏهين ۱۱ـ صدي هجري ۾ ٻـ "نڪاره" قوم موجود هئي، تہ انهيءَ حالت ۾ هن وقت ان قوم جي مائٽن جو باقي هڻڻ ڪاڻي ممڪن آهي، البت اهو قومي نالو غالباً متروڪ ٿي ويو آهي- سامونڊي ساحل خواه لاڙ جي مائٽن جون اوڙڪون جي ايان کي معلوم ٿي سگهيون آهن سي هي آهن: لاڙ، وَنگڙا، دَبلا (ڏهـي ڏاراڻ جا اصل باشندا)، هُولائي، ليلگائي، ماچي، جوباڻيا، ڪانديا، ولهاري، هوڙائي، ڏوڪي، ڪڏائي، گُجراڙيا، سوڍائي، ڪيڙا، ڪيهائي، ڀاڻـاري، ڏـوري، ڏورائي وغيره- مگر نڪاره جو نالو ڪٿان به معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. (ن-ب)

۱۲۵/[۹۰] اهـا عورت بني عزيز (يـا نبي عزيز) قبيلي مان هئي: هن نالي وارو قبيلو ڪنهن به عربي ڪتاب ۾ نظر نـٿو اچي. بقول بلاذري (فتوح البلدان ص ۴۳۵)، هيءَ عورت "بني بَرْبَوْع" قبيلي مان هئي. مؤرخ بلاذريءَ جو قول زياده وزندار آهي. (ن - ب)

۱۳۱/[۹۴] محمد بـن قـاسم جـو سندس چاچي جو پٽ ۽ بن ڀائي هو ۽ حجاج جي ڏيءُ سندس گهر ۾ هئي: هيءُ سڄو بيان حقيقت جي خلاف آهي: نہ محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي جو پٽ هو، نڪي هو حجاج جو ڀائي هو، ۽ نڪا حجاج جي ڪا ڏيءُ ٿي سندس گهر ۾ هئي.

(۱) اول تہ ابوعقيل جي آکاهہ جي هيٺين شجري کي ڏسڻ گهرجي:-

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com



مٿين شجره مان ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم، حجاج جي چاچي (محمد) جو پٽ ناهي، مگر حجاج جي چاچي (محمد) جي پٽ (قاسم) جو پٽ آهي.

فتحنامي جي فارسي عبارت هن طرح آهي: "محمد قاسم پسر عـم اوبود." هتي "پسر عم" ترجمو آهي عربي الفاظ "ابن عم" جو. عربيءَ ۾ چاچي جي پٽ خواه پوڙي بـا ڏاڏي کي "ابن عم" چئي سگهجي ٿو، مگر ان اصطلاح جو فارسي ترجمو، پڙهندڙن لاءِ غلط فهمي پيدا ڪري سگهي ٿـو. انهيءَ ڪري اسان سنڌي ترجمي جي متن ۾ وضاحت لاءِ "سندس چاچي [جي پٽ] جو پٽ" ڪري لکيو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۲) زبر بحث صفحي تي محمد بن قاسم کي حجاج جو ناني چاڻايو ويو آهي ۽ لکيو ويو آهي ته حجاج جي ڏيءُ سندس گهر ۾ هئي. مگر ص ص ۷۶_۲۷۵/[۱۹۰] تي "حجاج جي پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم کي ڏنل جي حڪايت" ڏني ويئي آهي، جا غور طلب آهي. حقيقت ۾ اها محض هڪ "حڪايت" آهي ۽ هر نڪته نظر کان غير معتبر. اول ته هن حڪايت جي روايت ضعيف آهي، ۽ بني تميم جي ڪنهن غير معلوم شخص ڏانهن منسوب آهي، جنهن يزيد بن ڪنانه کان نقل ڪئي آهي. خود يزيد بن ڪنانه جو ڏالو ڪٿي به روابن جي قطار ۾ نظر نٿو اچي. پيو ته هن حڪايت ۾ محمد بن قاسم جو حجاج کان وري وري سندس ڏيءُ گهرڻ ۽ حجاج جو ڪاوڙجي ۽ ڦيري لکڻ سان سندس پڳ ڏاهڻ، محمد بن قاسم جي بلند اخلاق جي خلاف آهي. ازان سواء حجاج جي مشهور غصي ۽ ڪاوڙ آوڏو محمد بن قاسم (جو ان وقت اڃا هڪ ڇوڪرو هو) جي مجال نه هئي، جو وري وري انهيءَ ڳالهه تي زور ڏي. ٽيون ته هن حڪايت جو راوي چوي ٿو ته آءٌ ان وقت حجاج وٽ ويٺو هوس ۽ هي سڀ تماشو ڏسي رهيو هوس. گويا حجاج جي ڏيءُ جو سڳ جو فيصلو ٻين جي آڏو ٿي رهيو هو! چوٽون ته حڪايت جي آخر ۾ چاڻايل آهي ته حجاج بالاخر محمد بن قاسم کي پنهنجي ڏيءُ جو سڳ انهيءَ شرط تي ڏيڻو ڪيو ته جڏهين وڏو ٿيندو، تڏهين فارس ۽ هند تي حملا ڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهي ملڪ فتح ڪندو. اها اڳڪٿي ۾ ڏيکاري ٿي تہ هي حڪايت محض هڪ افسانو آهي ۽ ان جا اندروني مقام ٿي ان جي غير معتبر هجڻ لاءِ ڪافي ثبوت آهن.

مگر وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ خود اهو ۾ ثابت ڪونهي تہ حجاج کي ڪا ڏيءَ ۾ هئي. ابن حزم جو انساب عرب جو هڪ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي، تنهن پنهنجي ڪتاب "جمهرة انساب العرب" (ص ۲۵۵) ۾ حجاج جي اولاد ۾ صرف چار پٽ ڄاڻايا آهن: محمد، عبدالملڪ، آبان ۽ سليمان.

حقيقت هيءَ آهي تہ حجاج البت پنهنجي پٽ زينب کي اختيار ڏنو هو تہ محمد بن قاسم ۽ حڪم بن ايوب (بن حڪم ابن ابي عقيل) پنهي مان جنهن سان ونيس تنهن سان شادي ڪري؛ محمد بن قاسم ان وقت فقط ۱۷- ورهين جو هو ۽ حڪم وڏي عمر جو هو. زينب (غالباً پنهنجي عمر جي لحاظ سان) حڪم کي پسند ڪيو، جنهن سان حجاج سندس شادي ڪرائي (ڪتاب الاغاني، جلد ۴، ص ۲۷).

مٿين وضاحت جي بناءَ تي فتحنامي، توڙي فرشتي (جلد ۴، ص ۴۰۳) ۽ ميرمعصوم (تاريخ معصومي، فارسي ص ۲۱) جن جو ماخذ پڻ فتحنامو آهي، جا بيان تہ محمد بن قاسم، حجاج جو نائي هو، ظاهراً غلط آهن.

هن سلسلي ۾ ضروري آهي تہ هت محمد بن قاسم جي شادي بابت فتحنامي جي بين حوالن جو به، جائزو وٺجي ۽ ان باري ۾ ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتحنامي جي صفحي ۲۶۸/[۱۸۶] تي چاڻايل آهي تہ ڏاهر جي قتل کان پوءِ سندس زال لاڏي گرفتار ٿي ۽ محمد بن قاسم، حجاج کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي اجازت گهري جنهن خليفي وليد کي سفارش ڪئي، ۽ آخر دارالخلافت مان حڪم صادر ٿيو، ۽ محمد بن قاسم لاڏي کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو. پڻ ڏسو صفحو ۳۲۷/[۲۲۲].

هن حڪايت جو راوي هڪ مقامي ماڻهو ابو محمد هندي آهي، جنهن هيءَ ڪاهه ابو مسهر عابي (؟) نالي هڪ شخص کان ٻڌي. جو خود هڪ گمنام ۽ مبهم شخص آهي. ڪنهن به عربي ماخذ مان هن حڪايت جي ذري جيتري به تصديق نٿي ٿئي، بلڪ خود فتحنامي ۾ ٿي لاڏي جي باري ۾ متضاد بيانات آهن جي هن حڪايت جي ترديد ڪن ٿا. مثلاً ص ص۲۶۸-۲۶۹ تي خود لاڏيءَ جي زباني بيان ٿيل آهي تہ هو اسلامي لشکر ۽ ڏاهر جي فوج واري جنگ ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ گرفتار ٿي، مگر ص ص ۳۰۱-۳۰۲/[۲۰۵-۲۰۶] تي خود برهمڻاباد جي سکيم ماڻهن جي حڪايت موجب ڏاهر جي قتل بعد، لاڏي پنهنجي پٽ سان گڏ اچي برهمڻاباد جي قلعي ۾ پهتي ۽ قلعي جي حفاظت جو بندوبست ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺي، مگر اوچتو گرفتار ٿي. مطلب تہ فتحنامي جون اهي حڪايتون جن جو بنياد مقامي روايتن تي آهي ۽ جن جي عربي ماخذ مان ڪابہ تصديق نٿي ٿئي، سي غير معتبر آهن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو لاڏيءَ کي خريد ڪري نڪاح ۾ آڻڻ
ب محض هڪ انسانو آهي.

هاڻي سوال آهي ته محمد بن قاسم ڪٽان شادي ڪئي؟
سندس ب بٽ عُمُرو ۽ قاسم تاريخي حيثيت رکن ٿا.
عمرو سنڌ جو گورنر ۽ مشهور منصوره جو باني هو، ۽ ياڻس
قاسم سڄا سارا پندرهن سال بصره جو گورنر ٿي رهيو: جنهن
جي معني ٿي هو وڏو لائق هو ۽ سندس حڪمراني ٻيلڪ
۾ ڪافي مقبول هئي. هڪ خاص سبب اهو ئي هو جو
مشهور اُرجُوزَه. ڪو شاعر رُؤبَه بن العَجّاج سندس مدح ۾
قصيدا چياء رُؤبَه پنهنجي هڪ ڏکهي اُجوزَه (مطلع: "قلتُ وقد
اقصر جهل الاَصْوَرا"، ڏسو ديوان روبَه، ص ص ۵۷-۶۳)
جي مصرعن ۱۹۳-۱۹۷ ۾ چوي ٿو:

۱۹۳ مافيكَ غَيْرُ اِنّي امْرُوءٌ مِنْ مَعْشَرٍ
۱۹۴ يَعُدُّوْنَ انْصارَكَ وَهُمُ النَّصَرُ
۱۹۵ وَهُمُ عَلَيَّ رَغْمَ العِداةِ الزُّمَّرُ
۱۹۶ اخْوالُ آبائِكَ في المَجْدِ النَّرِيُّ
۱۹۷ سَعْدُ بْنُ زَيْدٍ في الصَّمِيْمِ الدَّوْسَرُ

(يعني ته آءٌ انهيءَ گروهه مان آهيان جي هر ڏکئي
ڏينهن تي تنهنجي دشمن خلاف آهن ۽ تنهنجا مددگار آهن: اهو
گروهه "سعد بن زيد" قبيلي جي شير مردن جو آهي جي
تنهنجي خاندان جا ماماٽا ۽ وڏي شان ۽ مرتبي وارا آهن.)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن شعر ۾ به گالهيون غور طلب آهن: (۱) شاعر، "سعد بن زيد" قبيلي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو هو پاڻ هڪ فرد آهي. هاڻي، شاعر روبه بن العجاج، وڏي قبيلي بنوتميم جي هڪ شاخ "بنو سعد بن مالڪ بن سعد بن زيدمنات بن تميم" مان هو (ڏسو ابن حزم، الجمهرة ص ۲۰۴؛ ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص ۱۵۹) اهو پاڙو وري "سعد بن زيد منات" جي وڏي شاخ مان هو جنهنڪري شاعر اختصار طور صرف "سعد بن زيد" ڪري لکيو آهي. (۲) ٻيو ته شاعر چوي ٿو ته هن قبيلي وارا سندس ممدوح قاسم جي خاندان جا ماڻا آهن. سندس اصل الفاظ "اخوال آباڪ" آهن يعني "تنهن جي ابن جا ماڻا". جنهن جي معني ته قاسم جي ٻيءُ، يعني محمد بن قاسم ۽ سندس ٻيءُ ڏاڏن جا ماڻا آهن. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته محمد بن قاسم جي وڏن جون شاديون بنوتميم جي هن پاڙي مان ٿيل هيون، ۽ انهيءَ رسم موجب غالباً خود محمد بن قاسم جي شادي به بنوتميم جي هن ساڳئي پاڙي مان ٿي هوندي. حقيقت ۾ هو به ائين: ڇاڪاڻ ته مشهور محقق ۽ اديب خطيب تبريزي، شاعر روبه جي ستين آرجوزه جي ۱۹۵ ۽ ۱۹۶ مصرعن جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته: ابو محمد چيو آهي ته مون سندس (شاعر روبه جي) سڀن جي قافيه واري قصيده جي هڪ مصرع ڏني آهي، جنهن مان سندس مراد آهي ته خود قاسم بن محمد جا ماڻا بني سعد بن تميم منجهان آهن. "يريد ان القاسم بن محمد له

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خوُولة في بني سعد بن تميم" (حاشيه كتاب تهذيب الالفاظ، ص ٦٨). هت "ابو محمد" مان مراد مشهور عالم "ابن السِّيْرافي" آهي، جنهن جي شاهدي بالكل مستند سمجهڻ گهرجي. هن حوالي ۽ وضاحت مان ثابت ٿي چڪو ته اسان جي محمد بن قاسم جي پٽ قاسم جا ماڻا بنوتميم قبيلي جي بنوسعد (بن مالڪ بن سعد بن زيد مناة بن تميم) پاڙي مان هئا، جنهن جي معني ته محمد بن قاسم، بنوتميم جي انهيءَ خاندان مان شادي ڪئي هئي. (ن - ب)

۱۳۱/[۹۴] حمزة بن بيْض الحنفي هي شعر جيو: حمزة بن بيض اموي دوُر جي مشهور شاعرن مان هو ۽ محمد بن قاسم جو همعصر هو. سنه ۱۲۰ هه ۾ وفات ڪيائين. سندس حالات لاءِ ڏسو الاغاني- جلد ۱۵ ص ص ۱۴ - ۲۶؛ الامدي، الموتلف و المختلف ص ۱۰۰؛ الڪتبي، فوات الوفيات، ۱×۱۸۸؛ العسڪري، معانيه، ۱×۱۱؛ ابوحيان ۳×۱۸۵؛ ابن عساڪر ۴×۴۴۰؛ النّويْري ۴×۸۱، تاج العروس (بيض). حمزة جو هيءُ شعر مشهور آهي- ڏسو بلاذري، طبع يورپ ص ۴۴۱؛ طبع مصر ص ۴۲۸؛ ابن الاثير ۴×۲۸۲؛ اليعقوبي ۲×۳۰۷؛ ابن قتيبه، عيون الاخبار ۲×۲۲۹؛ المرزباني (پهرين مصرع جي مختلف روايت سان) ص ۴۸۲. فتحناميِ مصابق، حمزه هيءُ اشعار محمد بن قاسم جي محاذ- هند تي تقرري جي موقعي تي مبارڪبادي ۽ طور چيا، مگر بقول ابن الاثير (ع-۲۸۲) حمزه اهي اشعار

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي وفات حسرت آيات تي مرثيه طور تي چيائين. غالباً ابن الاثير جو قول صحيح آهي، جاکاڻ تہ بلاذري (ص ۴۴۰) پڻ محمد بن قاسم ۽ ٻين ثقفي خاندان جي ماڻهن کي قيد ۽ ايذائي مارڻ جي ذکر کرڻ بعد اهي اشعار نقل کيا آهن. (ن ـ ب)

۱۴۰/[۹۹] پوءِ .... محمد بن قاسم انهن ارمابيل ڏانهن روانو ٿيو: هن کان اڳ واري صفحي تي فقط ايترو چاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم مکران پهتو. فتحنامي جي اها عبارت اڌپوري آهي. بقول بلاذري (ص ۴۳۶)، "محمد بن قاسم (شيراز مان) مکران ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي کان ڏينهن ترسيو. ان بعد فنزبور (۱) آيو ۽ اهو شهر فتح کيائين؛ پوءِ اتان ارمابيل ۽ آيو". بلاذريءَ جي هن بيان مان ظاهر آهي تہ فتحنامي ۾ فنزبور يا پنجپور جي فتح جو ذکر ڪل آهي. انهيءَ کري بلاذري جي بيان جي روشني ۾، فتحنامي جي متئين عبارت ۾ "اتان" مان مراد فنزبور يا پنجپور سمجهڻ گهرجي. (ن ـ ب)

۱۴۰/[۱۰۰] (محمد بن هارون) جڏهين ارمابيل جي منزل تي پهتو تہ سندس عمر پوري ٿي .... کيس اتي دفن کيائون؛ بقول بلاذري محمد بن هارون "ارمابيل جي نزديک وفات ڪئي ۽ کيس قنبل ۾ دفن کيائون".

---

(۱) بلاذري جي چپيل تاريخ ۾ هن نالي جي پڙهڻي "فنزبور" آهي جا حقيقت ۾ "فنزبور" جي تحريف آهي. فنزبور يعني پنجپور، جو غالباً ساڳي انهيءَ جاءِ تي هو جتي موجوده "پنجگور" آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محقق بلاذري جو قول وڌيڪ صحيح سمجهڻ گهرجي. نتحنامي جي عبارت کي بلاذريء جي بيان سان هن طرح تطبيق ڏيئي سگهجي ٿو "ارمابيل جي منزل" مان مراد علائقي ارمابيل جي کا منزل آهي، جا شهر ارمابيل جي ويجهو هئي جيئن ٿو بلاذري لکيو آهي. بلاذريء جو "قنبل" ساڳيو اهو شهر آهي جنهن کي عرب جغرافيه نويسن اڪثر "قنبلي" کري لکيو آهي. اسان جي خيال ۾ "قنبل" توڙي "قنبلي" دراصل غالبا "قنبيلو" يعني "پن پيلو" آهي، جو غالباً شهر لسپيلي ريساست جي گادي پيلو (جو غالباً عربن جو ارمابيل يعني ارمن پيلو آهي) جي لڳو لڳ نزديڪ هو. هن وقت شهر پيلي جي هڪ طرف "پير آري" جو مقبرو ۽ زيارتگاهه آهي ۽ مقامي روايتن موجب اهي کنهن اصحابي جي قبر آهي. ممڪن آهي ته محمد بن هارون جو ناالو "ابن هارون" مان "هارون"، ۽ زماني گذرڻ بعد اهو مقامي تلفظ يا غلطي سبب ڦري "آري" ٿيو هجي. والله اعلم بالصواب. (ن - ب)

۱۴۲/[۱۰۱] جَهْم بن زَحْر الجُعْفي: سندس والد زَحْر بن قيس الجعفي، کوفي جي شريف سردارن ۽ شهسوارن مان هو ۽ وڏو بليغ مقرر هو (ابن عساکر، تاريخ کبير د×۶۹). جنگ صفين ۾ حضرت علي رضه سان گڏ هو (ابن عساکر، ايضاً، ۽ کتاب الصفين، ص ۱۱). سندس فرزند به جملي شريف هتا (ابن عساکر)، جن مان جهم بن زحر نهايت مشهور ٿيو، غالبا محمد بن قاسم جو همعصر هو، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي سنڌ تي چڑهائي کان اڳ، جڏهين محمد بن قاسم فارس جو گورنر هو، تڏهين جهم سنڌس خاص سپه سالار سان هو. سنه ۹۲ هه جي شروع ۾ محمد بن قاسم پنهنجي هيڊ کوارٽر شيراز سان شهر ري جي فتح لاءِ تيارين ڪيون هيون، ۽ جهم بن زحر کي فوج سان اڳواڻ ري ڏانهن روانو ڪيو هئائين. مگر حجاج اوچتو محمد بن قاسم کي سنڌ جي محاذ جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ۽ جهم بن زحر کي به محمد بن قاسم وٽ واپس پهچڻ جو حڪم ڪيائين (بلاذري، ص ۴۳۶). بن زحر ان بعد سنڌ جي فتوحات ۾ محمد بن قاسم سان شامل رهيو ـ فتحنامو ص ص [۱۰۶]، [۱۵۶]، [۱۷۲] ۽ ۱۹۲]. غالباً سنڌس همت ۽ بهادري سبب محمد بن قاسم جي به ساڻس بي انتها محبت ٿي وئي. محمد بن قاسم ۽ جهم سنڌ جي فتوحات ۾ مشغول هتا جو اوچتو حجاج جو حڪم پهتو ته جهم کي خراسان جي محاذ ڏانهن بدلي ڪيو وڃي ته هو وڃي اتي جي ڪمانڊر قتيبه بن مسلم جي مدد ڪري. طبري (۱۲۵۷×۲) هنن دوستن جي جدائي جو نهايت ۽ ڏکڻ لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي نه: "محمد (بن قاسم) جي جهم بن زحر سان نهايت محبت هئي، سو جڏهين جهم کانئس موڪلايو ته محمد روئي چيس ته: اي جهم! بس جدائي!!. جهم جواب ڏنو ته: "هائو ـ پلا ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي."

جَهُم ٻوءِ وڃي خراسان محاذ جي مشهور ڪمانڊر قتيبة جي هٿ هيٺ پنهنجي نئين عهدي جي چارج ورتي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگر محمد بن قاسم وانگر قتيبه کي پنهنجي سڀ سالارن کي محبت سان گرويده ڪرڻ جو شايد گهٽ ڏاڍو هو. بهرحال جڏهن سليمان خليفو ٿيو ۽ قتيبه خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ڪيائين تہ قتيبه بغاوت ڪئي. جنهن ۾ جهم سندس سات ڪوٺ ڏنو ٻاڪ شاهي فوجن جي اڳواڻي ڪري، قتيبه جو مقابلو ڪيو ۽ قتيبه جي شڪست توڙي آخري گهيري ۽ قتل (سنہ ۹۶ هـ) جو مکيہ اڳواڻ جهم ئي هو (طبري ۲ × ۱۲۹۶-۱۲۹۷). جهم ان بعد خراسان جي ڪمانڊر يزيد بن مهلب جو مکيہ سڀ سالار ٿي رهيو ۽ اتي جي جنگين، خاص طرح جرجان جي آخري فتح (سنہ ۹۸ هـ)، ۾ هن جو وڏو حصو هو (طبري ۲ × ۱۳۱۹ ۽ ۱۳۳۰-۱۳۳۳)، ۽ يزيد بن مهلب ڪيس جرجان جو گورنر مقرر ڪيو (ايضاً ۲ × ۱۳۵۳). حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ کان پوء جڏهن يزيد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو (سنہ ۱۰۱ هـ)، تڏهن خراسان جي اڳئين ڪمانڊر يزيد بن مهلب جي ساڻين خلاف انتقامي ڪارروايون شروع ٿيون، ۽ خراسان جي نئين ڪمانڊر ۽ وائسراء سعيد خذينہ جي حڪم ٿي هن سان گڏ جهم بن زحر کي بہ گرفتار ڪري قيد ڪيو ويو. آخر قبيله "باهله" جي هڪ آفيسر هن دلير مرد کي عذاب ڏيئي پورو ڪيو، جنهن ٿي سعيد هن شخص کي ڪافي ملامت ڪئي (طبري ۲ × ۱۲۹۷). انهيءَ شخص جو نالو زبير بن نشيط هو ۽ سعيد خذينہ هميشہ چوندو هو تہ زبير جو خدا خانو خراب ڪري جو هن جهم جهڙي مڙس کي چيچائي ماريو. جهم جي موت تي مشهور شاعر ثابت قطنہ ازدي هي اشعار مرثيہ طور چيا:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آ تذهب آيامي ولم إسق تدرفلا
و آشياعه الكاس التي صبحوا جهمنا
و لم يقرها الستعدي عمرو بين مالك
فيشعب من حوض المنايا لها قسمنا

ڈسو بلاذري، انساب العرب، طبع جيروسلم، ۱۹۶۲ء۵۔
(ن - ب)

۱۴۲/[۱۰۱] عطية بن سعد العوفي: عطية بن هڪ بهادر مرد هو ۽ محمد بن قاسم سان خاص محبت هيس۔ اول ۾ عطية هڪ بغاوت ۾ حصو ورتو هو، جنهنڪري حجاج جي انتقام جي ڊپ کان عراق ڇڏي فارس ڏانهن هليو ويو۔ اتي محمد بن قاسم گورنر هو ۽ حجاج جو ڪيس حڪم پهتو تہ عطية کي چار سو درن جي سزا ڏني۔ محمد بن قاسم، عطية کي حجاج جو حڪم ٻڌايو ۽ ڪيس سزا ڏنائين۔ (ڈسو طبري "ذيل المذيل من تاريخ الصحابة و التابعين" ملحق في آخر تاريخ الطبري. ۹۴۲ء۴۳؛ ۽ شذرات الذهب ۱۴۴ء۱)۔ مگر ان هوندي بہ عطية محمد بن قاسم کان منهن ڪين موڙيو، ۽ سندس جي فتح وقت سڀ سالار طور ساڻس شامل رهيو ۽ سندس جي فتحن ۾ پوري بهادري سان حصو ورتائين۔ ڈسو فتحنامو ص ص [۱۰۶، ۱۵۶، ۱۷۲ ۽ ۱۹۲]۔ (ن - ب)

۱۴۳/[۱۰۲] عبدالرحمان بن سليم الڪليبي: نهايت تجربيڪار سڀ سالارن مان هو۔ ڈهه سال اڳ، سنہ ۸۲ هـ ۾ عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث خلاف "دير الجماجم واري جنگ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ هو حجاج جي فوج جي ساڄي طرف (ميمنه) جو سپه سالار هو (ابن خلدون ۳×۴۹) ، ۽ انهيءَ جنگ ۾ ئي ابن الاشعث کي پهريون دفعو شڪست آئي. عبدالرحمان وڏو بهادر هو ۽ بهادرن جو قدردان هو ـ هڪ دفعي مشهور سپه سالار مهلب وٽ آيو ۽ سندس نوجوان پٽن کي سوار ٿيندو ڏٺائين تہ سندن همت ۽ طاقت جي تعريف ڪيائين ـ قال: آنس الله الاسلام بتلاحقكم ـ اما والله لئن لم تكونوا اسباط لبوة ، انكم لاسباط مسلمة (جاحظ ، البيان والتبيين ۲×۶۱ ؛ ابن خلكان ، الوفيات ۲×۲۶۶) عبدالرحمان ، اموي گهراڻي جو هڪ وفادار آفيسر هو. حضرت عمر بن عبدالعزيز جي وفات بعد جڏهين يزيد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو، تڏهين عبدالرحمان کي خراسان جو گورنر مقرر ڪيائين ، مگر ان وقت هن ٽئين خليفي جي خلاف هر طرف کان بغاوت ٿي، جنهنڪري عبدالرحمان عرض ڪيو تہ "تنهنجي دشمن سان مقابلو ڪرڻ مون کي خراسان جي گورنري کان وڌيڪ پسند آهي. مون کي پاڻ يزيد بن المهلب (باغي) جي مقابلي واري فوج ۾ جڪهه ڏي" (طبري ۳ × ۱۸۸ـ۱۳۸۹) . ان بعد عبدالرحمان غالباً باغي يزيد بن المهلب جي مقابلي لاءِ شاهي فوج جي ڪمانڊر مسلمة بن عبدالملڪ جو سپه سالار ٿي رهيو ۽ ان جي وڏي مدد ڪيائين. اهو ئي خاص سبب هو جو جڏهين "مسلمة بن عبدالملڪ ، يزيد بن المهلب جي مقابلي کان فارغ ٿيو ۽ ڪس عراق جو وائسراءِ مقرر ڪيو ويو، تڏهين عبدالرحمان بن سليم الڪلبي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيائين" (ابن خلدون ۳×۸۰) .

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۴۳/[۱۰۲] سفيان بن الابرد:- سفيان پڻ "الكلبي" هو يعني بنو كلب قبيلي مان هو ۽ نهايت پختو مشق ۽ دلير سپه سالار هو جنهن خليفي عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ "خارجين" سان زبردست جنگيون ڪيون. سنہ ۷۶ ھ ۾ جڏهن شبيب خارجي، حجاج کي جنگ ۾ شڪست ڏيئي پڇايو، تڏهين خليفي عبدالملڪ، سفيان کي چار هزار فوج ڏيئي روانو ڪيو ۽ هن موت کي منهن ڏيئي شبيب جو مقابلو ڪري ڪيس شڪست ڏني (المسعودي، مروج الذهب، طبع پئرس، ۵×۳۲۱-۳۲۲؛ ابن خلدون، ۳×۱۵۶-۱۵۷ ۽ ۱۵۹).
ان بعد سفيان، حجاج جو چوٿو ڪمانڊر ٿي رهيو جنهن کيس وڏي لشڪر سان طبرستان طرف، خارجين جي اڳوان قطري بن الفجاءة ۽ سندس ساٿين جي مقابلي لاء موڪليو. سفيان انهن سان مقابلا ڪري، کين ساري سات ڪيو- ان بعد دماوند ۽ طبرستان ۾ داخل ٿي اتي طاقت مضبوط ڪيائين ۽ اتيئي رهيو، تان جو "دَيْرجَماجِم" واري جنگ ڪان ڪجهہ اڳ حجاج اتان کيس فارغ ڪيو (ابن خلدون ۳×۱۶۱).
جنگ "دير جماجم" ۾، جا حجاج ۽ باغي ڪمانڊو عبدالرحمان بن محمد بن الاشعث جي وچ ۾ لڳي، سفيان حجاج جي لشڪر جي پيادل فوج جو سپه سالار هو (ابن خلدون ۳×۴۹). ظاهر آهي تہ سنہ ۷۶ ھ ڪان وٺي سفيان فوجي سپه سالار ٿي رهيو هو ۽ سنہ ۹۲ ھ ۾ جڏهين کيس حجاج محمد بن قاسم جي فوج سان موڪليو، ان وقت کيس سورهن سالن جي فوجي سپه سالاري جو تجربو هو ۽ نهايت سخت جنگين ۾ بهرو ونڊي چڪو هو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۴۳ / [۱۰۲] قَطَنُ بن بُرَكُ الكلابيُ: فتحناسي ۾ هن لالي جي اهائي ٻڌهڻي آهي، مگر ابن عساكر جي "التاريخ الكبير" (۳۹۰×۴) ۾ "قطن بن مدرك الكلابي" لکيل آهي ۽ چاڻايل آهي ته: "حجاج (پنهنجي سؤٽ) حڪم بن ايوب ثقفي کي بصره جو گورنر مقرر ڪيو هو، مگر جڏهين (عبدالرحمان) ابن الاشعث بغاوت ڪئي (سنہ ۸۱ هـ) تڏهين کيس معزول ڪري قطن بن مدرك الكلابي کي سندس جاءِ تي مقرر ڪيائين." غالباً هن بغاوت واري نازڪ وقت ۾ ئي قطن، حجاج جي وڏي مدد ڪئي: چاڪاڻ ته فتحناسي ۾ هن جاءِ تي خود حجاج جا پنهنجا الفاظ آهن ته قطن "امان کي مشڪلات ۾ مدد ڪئي آهي، ۽ عزت جو لائق ۽ راستگو آهي .... ۽ حجاج جو همیشه مددگار رهيو آهي. (ن ـ ب)

۱۴۳ / [۱۰۴] جراح بن عبدالله: غالباً، جَرّاح بن عبدالله الحَكَميُ، جو بعد ۾ هڪ مشهور ڪمانڊر ٿيو، ۽ خليفي يزيد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ آرمينا ۾ فتحيون ڪيائين. خليفي عمر بن عبدالعزيز کيس پنهنجي عهد ۾ خراسان جو وائسراءِ مقرر ڪيو. ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ص ۲۰۲، ۲۰۶، ۽ ۴۲۶ـ۴۲۷. (ن ـ ب)

۱۴۴ / [۱۰۳] عُدَيْلُ بن فَرْخ: يعني العُدَيْل بن الفَرْخ (بن سُعين بن اَسْوَد بن عَمْرَو بن جابر بن ثَعْلبَه سُمَيّ بن العُكابة) العِجْلي جو "بنو عِجْل" قبيلي جو مشهور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شاعر هو (ابن حزم، الجمهرة ص ۲۹۵، ۽ ابن دريد، الاشتقاق ص ۲۰۸). ڪنهن سبب سان هن شاعر ۽ حجاج جي وچ ۾ اٿبٽت ٿي جنهن تي عديل سندس هجوَ ۾ ڪي اشعار چيا- ان بعد آخرڪار هو حجاج جي هٿ چڙهي ويو ۽ ڪيس مارايائين ٿي جو هن پنهنجا حجاج جي تعريف ۾ ڪي اڳيان چيل اشعار پڙهيا جنهن تي حجاج معافي ڏنس (البيان والتبيين، طبع مصر ۱۳۴۵ / ۱۹۲۶، جلد ۱ ص ۲۴۷). "نقائض جرير والفرزدق" ۾ هڪ جاءِ (نمبر ۶۴۶) تي جنگ "ذوقار" جي بياري ۾ سندس اشعار نقل ٿيل آهن، ۽ ٻي جاءِ (نمبر ۱۰۹۰) تي مالڪ بن مسمع متعلق سندس مدحيه اشعار ڏنل آهن. (ن ـ ب)

۱۴۶ / [۱۰۴] منجنيق ..... جنهن جو نالو "عروسڪ" هو: بلاذري (فتوح البلدان ص ۴۳۷) هن منجنيق جو نالو "عروس" لکيو آهي. (ن ـ ب)

۱۵۰ / [۱۰۶] نَبَاتَه بن حَنْظَلَة كِلابي: نباته به هڪ چونڊ شهسوارن مان هو جنهن کي حجاج، محمد بن قاسم جي لشکر سان گڏي موڪليو هو. ڏسو فتحنامو ص ۲۷۸ / [۱۹۲]. نباته نه صرف هڪ قابل سپه سالار هو مگر سياست جو به ڄاڻو هو. فتحنامي جي حوالن مان ظاهر آهي ته نباته، ديبل (ص ۱۶۱ ـ ۱۶۲)، سيوستان (ص ۱۷۴)، ڏاهر سان دو بدو لڙائي ڪئي (ص ص ۲۲۴، ۲۷۸ـ۲۸۰)، ۽ برهمن آباد (ص ۲۹۴) واريون جنگين ۾ وڏو حصو ورتو، از انسواء محمد بن قاسم طرفان مقامي حاڪمن سان سياسي صلح قائم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ ۾ وڏو ڪم ڪيائين (ص ص ۱۷۴، ۱۸۷، ۱۹۵). نباته ٻيو اسوي دؤر جي آخر ۾، مروان بن محمد جي ڏينهن ۾، شاهي فوجن جو هڪ مکيه سپهسالار هو. تقريباً ۱۲۸ هـ ۾ مروان بن محمد جي ڪمانڊر ان چيف، يزيد بن عمر بن هُبَيْرَه ڪيس باغي سليمان بن حبيب بن المهلب جي مقابلي لاءِ موڪليو ۽ هن ڪيس وڃي شڪست ڏني (اليعقوبي ۲×۷۰۲). ان بعد يزيد بن عمر، نباته کي جرجان جو گورنر مقرر ڪيو، ۽ هو اتي رهيو تان جو بنو عباس جي پارٽي زور ورتو ۽ ابو مسلم خراساني، خراسان جي گورنر نصر بن سيار کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ پنهنجي سپه سالار قحطبه بن شبيب کي زبردست لشڪر سان سنه ۱۳۰ هـ ۾ جرجان ڏي موڪلياٿين. نباته انهيءَ جنگ ۾ ڇهن هزارن ماڻهن سان مارجي ويو (المسعودي، التنبيهه والاشوف، ص ۳۲۷، طبري ۲×۶-۲۰۰۳). (ن ب)

۱۵۰/[۱۰۷] پهريون پهريون ماڻهو جيڪو قلعي تي چڙهيو سو (شهر) ڪوفه جو صعدي بن خريمه هو: جو ماڻهو اول ديبل جي قلعي تي چڙهيو تنهن جو نالو مؤرخ بلاذري ڪونه ڏنو آهي، البت هو لکي ٿو ته پهريون ماڻهو جو قلعي تي چڙهيو سو ڪوفه جو رهاڪو هو ۽ "بنو مراد" قبيلي مان هو. بلاذري جي اصل عبارت هيءَ آهي: وَكانَ اوَّلُهُم صَعَّارَ جُلٌ مِنْ مُرادٍ مِنْ اَهْلِ الكُوفَةِ (فتوح البلدان، ۴۲۵). هن عبارت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته شايد فتحنامي جي اصلي ماخذ جي عربي عبارت صاف نه هئي، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فارسي مترجم علي کوفي غالباً "صعودا رجل بن" جي لفظن کي ماڻهوءَ جو نالو سمجهي "صعدي بن خريمه" لکيو آهي. والله اعلم بالصواب. (ن.ب)

۱۵۱ / [۱۰۷] عجل بن عبدالملک بن قيس الدمني: هن قالي جي آخري نسبة نتحناي جي جملي نسخن ۾ صاف لکيل ناهي ۽ انهيءَ کري مبهم آهي (ڏسو حاشيه ص ۱۵۱). البت ص ۱۷۷ تي غالباً هن ساڳئي شخص جي بيءَ عبدالملک بن قيس بابت چاڻايل آهي ته هو "آل جارود" مان هو: جيئن ته "آل جارود" (يعني جارود جو اولاد) واراً "عبدالقيس" قبيلي مان هئا ۽ انهيءَ کري انهن جي نسبة "العبدي" هني، انهيءَ کري شايد هيءَ مبهم لفظ "الدمني" بہ شايد دراصل "العبدي" آهي. (ن.ب)

۱۵۱ / [۱۰۷] مهران ندي‌ءَ تي انهيءَ جاء وٽ پهتو.... [جا] ايرندبنءَ مهران جي طرف (يا مهران جي ايرندي طرف) آهي: اصل فارسي عبارت هن طرح آهي: بجوي مهران رسيد بموضع.... از جانب شرقي مهران ۱۰هـ.ه. هن عبارت ۾ "از جانب شرقي" جي سڌي لفظي معني "(مهران جي) ايرندي" ٿيندي، جنهن جو مطلب ته ديبل جو حاکم جاهين، ديبل جي قلعي مان جو مهران جي الهندي طرف هو، يڇي نڪتو ۽ آخرڪار مهران ٻيي درياء جي ايرندي طرف ڪنهن مقام وٽ اچي پهتو. مگر مؤرخ بلاذري (فتوح البلدان ص ۴۴۴) سنڌ جي گورنر جنيد جي فتوحات جي سلسلي ۾ "بطيحة الشرقي" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ "الشرقي" اسم خاص طور استعمال ٿيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ ان جي مراد "ايزندين مهراڻ" آهي يعني "مهراڻ جي ايرندين شاخ". انهيءَ اعتبار سان، فتحنامي ۾ هن جاءِ تي اصل عبارت غالباً "بجانب مهران الشرقي" هئي جنهن جو فارسي ترجمو "ازجانب شرقي مهران" ڪيل آهي. ان جو سنڌي ترجمو اصل عبارت جي لحاظ سان "ايرندينءَ مهراڻ جي طرف" وڌيڪ موزون نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته عبارت جي شروع ۾ ٿئ "جوئي مهران" جا الفاظ آهن جنهن جي معنيٰ (ٻر تقدير "مهراڻ جي جوءِ") ٿيندي "مهراڻ ندي جي هڪ شاخ" جا مرڪزي مهراڻ کان جداگانه سمجهڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

۱۵۲ / [۱۰۷] "ڪارمتي" يعني "ڪاري مٽي." "ندمتي" يعني "گل سيمين": اسان جي خيال ۾ فتحنامي جا اصلي الفاظ صرف "ڪارمتي" ۽ "ندمتي" آهن جن جي تشريح فارسي مترجم طرفان آهي. چنانچه فارسي مترجم "ڪارمتي" جي معنيٰ "گل شور" (يعني "ڪاري مٽي") ۽ "ندمتي" جي معنيٰ "گل سيمين" (يعني "چاندي جهڙي سفيد") ڪئي آهي ۽ سنڌي ترجمو به انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. ٻر جيڪڏهين "ڪارمتي" جي معنيٰ "گل شور" يا ڪاري مٽي آهي ته "ندمتي" جي معنيٰ "ندي جي مٽي" يعني "مٽي مٽي" ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ لحاظ سان فارسي ترجمي ۾ به "گل سيمين" جي بدلي "گل شيرين" هجڻ کپي. ٻئي لحاظ سان وري جيڪڏهين "ندمتي" جو ترجمو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"گل سيمين" يعني (درياءَ جي چيڪي) "چاندي جهڙي يا سفيد سٽي" ڪيو ويو آهي تہ "ڪارمتي" ان جو ضد "ڪاري (ڪلراٹي) مٽي" هٹ گهرجي. (ن - ب)

۱۵۴ / [۱۰۹] حُمَيْدُ بن وَدَاع التَّجدي: مگر صحيح نالو "حُمَيْد بن وَدَاع البَجَلِي" آهي. ڏسو هيٺ، نوٽ ص ۳۸ / [۲۱۷]. (ن - ب)

۱۵۶ / [۱۱۰] برهٹا آباد قديم: يعني سنڌ جو اصلي قديم شهر برهمٹاباد جو محمد بن قاسم جي فتوحات کان اڳ سنڌ ۾ موجود هو. ان بعد اسلامي دؤر حڪومت ۾ محمد بن قاسم جي ٻٽ عَمْرَو سنڌ ۾ "منصوره" جو نئون شهر "برهمٹاباد" کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي ٻڌايو جنهن کي ٻڌ مقامي ماڻهو "برهمٹاباد" سڏڻ لڳا. جيئن تہ فتحناميءَ جو هيءُ تاريخي احوال اڪل ۳- صدي هجري ۾ لکيو ويو ۽ ان وقت صرف "منصوره" يا (مقامي ماڻهن جي اصطلاح ۾ جمڙ) "برهمٹاباد نئون" موجود هو انهيءَ ڪري تاريخي وضاحت لاءِ محمد بن قاسم جي فتوحات واري اصلي برهمٹاباد کي "برهمٹاباد قديم" جي نالي سان سڏيو ويو. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو مٽي ص ص ۳۹۸- ۳۹۹. (ن - ب)

۱۵۶ / [۱۱۱] (محمد بن قاسم جو ارمابيل ۾ منزل ڪرڻ): هيءُ عنوان ۽ هيٺ ڏنل بيان تہ "محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل جي لڙائيءَ جو ارادو ڪيو"، بلڪل بي موقعي ۽ بي معنيٰ آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(۱) پهريون ته هي بيان بغير سنڌ جي ڏنل آهي.
(۲) ٻيو ته، هن کان اڳ (ص ص ۱۴۰-۱۴۲) ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي ته محمد بن قاسم مڪران مان ٽيندو، ارمابيل آيو ۽ اهو شهر فتح ڪيائين (ص ۱۴۲). ان بعد ارمابيل کان اڳتي ديبل ڏانهن روانو ٿيو ص (۱۴۲). مؤرخ بلاذري به صاف طور لکيو آهي ته محمد بن قاسم اول ارمابيل فتح ڪري ان بعد انهن ديبل ڏانهن روانو ٿيو (فتوح البلدان، ص ۴۳۶). انهيءَ ڪري ديبل فتح ڪرڻ بعد وري ارمابيل جي لڙائي لاءِ تياري ڪرڻ بي معني آهي.
(۳) ٽيون ته هيٺ ۱-۱۶۲/[۱۱۵] صفحن تي نباتة بن حنظلة (جو محمد بن قاسم سان گڏ هو) جي زباني مان صاف ظاهر آهي ته محمد بن قاسم ديبل کان سيسم جي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو. انهن واضح دليلن جي بناء تي هيءُ عنوان ۽ بيان بلڪل بي موقعي آهي ۽ غالباً نتجناسي جي فارسي مترجم جو وڌايل آهي.

ٽي سگهي ٽو ته اصل الفاظ صرف ايترا هجن ته: "پهرئين محمد بن قاسم ديبل کان ارمابيل رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو مگر پوءِ اهو ارادو ترڪ ڪيائين، ۽ اڃا ديبل ۾ ئي منزل انداز هو جو ڪيس راجا ڏاهر جو خط پهتو جو هن ڏانهنس لکيو هو." ٽي سگهي ٽو ته اول محمد بن قاسم ارمابيل رستي نيرون ڪوٽ (جو غالباً حيدرآباد واري جاءِ تي هو) ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو هجي، ڇاڪاڻ ته (۱) ارمابيل فتح ٽي ڇڪو هو ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪران جـــون اسلامي فوجون سندس وڏنـــڏ لشڪر لاءِ پشت پناهه ٿي سگهيون ٿي. (۲) ارمابيل يا ارمن ٻيلي جـو رياست لسبيلي ۾ موجوده شهر ٻيلي جي آسپاس هو، آتان شاهه بـــلاول واري لڪ ذريـعـي ڪوڙي ۽ حيدرآباد ڏانـهـن ڪوهستاني علائقي وارو گس، بمقابلي ديبل ڪان ڏاهـر جي سنڌ واري علائقي مـان سڌو نيرون ڏانهن ويندڙ رستي ڪان شايد نسبتاً وڌيڪ محفوظ سمجهيو ويو هجي.

بهرحال اهڙي گمان لاءِ توڙي فتحنامي جي هن عنوان ۽ بيان لاءِ ڪابه تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن ـ ب)

۱۵۷ / [۱۱۱] هن ڪان اڳ ۾ ٻڌي هڪ جـي متي ۾ ٻڌ اهـڙو غرور پيدا ٿيو هـــو .... ۽ الحڪم بن ابي العاص ٻڌ انهيءَ جي بيعت ڪئي هئي: اهـــي الفاظ ڏاهر پنهنجي خط ۾ محمد بن قاسم ڏانهن لکيا. سندس مـراد آهي ته تو (محمد بن قاسم) ڪان اڳ ٻڌ هڪ شخص هـن طرف حملي جو خيال ڪيو هو ۽ الحڪم بن ابي العاص ٻڌ انهيءَ جـي بيعت ۾ هو.

ڏاهر، محمد بن قاسم ڪان ڪهڙو وقت اڳ جي ڪاڍهه ٿو ڪري ۽ انهيءَ ڪري غالباً انهيءَ سڀ سالار جو ناالو ذهن ۾ ڪونه هوس. البت الحڪم بن ابي العاص جي ذڪر مان ظاهر آهي ته ڏاهر جو اشارو غالباً ديبل تي عربن جي ٻهرئين حملي جو آهي. تاريخ مان ثابت آهي ته انهيءَ حملي جو خيال بحرين ۽ عمان جـــي گورنـر عثمان بن ابي العاص الثقفي، حضرت عمر جـــي خلافت ۾ سنه ۱۵ هـ (۶۳۶ـ۳۷ع) ۾ ڪيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سندس ۾اءُ الحڪم بن ابي العاص سندس بيعت ۾ هو جنهن کي سمنڊ ذريعي ٽاڻي ۽ پروچ ڏانهن روانو ڪيائين ، ۽ پنهنجي ٻئي ۾اءُ المغيره کي ديبل ڏانهن روانو ڪيائين (بلاذري ، فتوح البلدان ص ص ۴۳۱-۴۳۲ ؛ پڻ ڏسو فتحنامو ص ص ۹۷-۹۸) .

متين تاريخي حقيقت جي بناء تي جنهن شخص کي اول اول ديبل تي حملي جو خيال پيدا ٿيو ، سو بحرين ۽ عمان جو گورنر عثمان بن العاص الثقفي هو . مگر هو ۾اڻ سياست جو تير ڪٿي ڪونه آيو ، جيئن ڏاهر جي خط ۾ بيان ٿيل آهي ؛ بلڪ پنهنجي ۾اڻرن کي ٽاڻي ، پروچ ۽ ديبل ڏانهن موڪلياٿين . ساٿس سندس ۾اءُ الحڪم بن ابي العاص جي بيعت هئي ۽ نه "ابي العاص بن الحڪم" جي ، جيئن فتحنامي جي اصل متن ۾ آهي (ڏسو حاشيه ۱ - ص ۱۵۷) . ازانسواء خود الحڪم بن ابي العاص ديبل تي ڪونه ڪاهيو هو ، بلڪ سندس ۾اءُ المغيره بن ابي العاص ديبل تي چڙهائي ڪئي هئي ، پڻ المغيره ديبل ۾ مارجي ڪونه ويو جيئن ڏاهر پنهنجي خط ۾ لکيو آهي ؛ ڏاهر جو هيءُ بيان فتحنامي جي شروعاتي روايت (ص ص ۹۷-۹۸) مطابق آهي ، جنهن ۾ ڏيڪاريل آهي ته المغيره ديبل واري جنگ ۾ مارجي وبو ، حالانڪ تاريخي اعتبار سان اهو غلط آهي - ڏسو متي نوٽ ۹۷[۷۱] .

آخر ۾ هيٺ (ص ۱۵۸) هڻي ساڳئي خط ۾ ڏاهر ، محمد بن قاسم کي لکي ٿو ته : "۾اڻ کي غرور جي خواب ۾ مبتلا نه ڪر ، نه ته تنهنجي عاقبت ٻڌ اها ٿيندي جا بديل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي ٿي." هن فقره مان گمان نڪري ٿو ته مثيون شروع وارو اشارو بہ شايد بُدَيل ڏانهن ٿي هجي. مگر جي اڳين هجي ها ته ڏاهر ۾ سندس نالو ڪٿي ها. ٻيو ته "الحڪم بن ابي العاص" جو ٿورو ڪي گهٽو تعلق ديبل تي سنه ۵۱ هجري واري حملي سان هو ۽ نه بُدَيل واري حملي سان جو حجاج جي ايماڪاريءَ ۾ سنه ۷۵ هـ ڪان بعد ۾ واقع ٿيو. البت جيڪڏهن فتحنامي جي اصلي پڙهڻي "ابو العاص بن الحڪم" تسليم ڪجي ۽ چڱي ته ابو العاص مثيون الحڪم جو پٽ هو جو بُديل سان جنگ ۾ شامل هو ته البت اها ڪاڪ ٿهي سگهي ٿي. مگر ابو العاص بن الحڪم جو حوالو ڪنهن بہ عربي ماخذ ۾ نظر نٿو اچي. (ن ـ ب)

۱۶۳/[۱۱۵] ساڪري جو نارو: اصل فارسي متن ۾ "نالہ سانڪره" جنهن جون ٻيون پڙهڻيون "ساكر"، "نالہ سانكره" ۽ "دهند ساكره" آهن (ڏسو حاشيہ ۱، ص ۱۶۲). "ساكره" جو لفظ هن وقت بہ "ميرپور ساكري" جي نالي ۾ موجود آهي يعني ته اها ميرپور جا "ساكره" جي اپراضيءَ ۾ آهي. انهيءَ لحاظ سان "نالہ ساكره"، جنهن جي ڏربي محمد بن قاسم نيرون ڏانهن جنگي سامان سان پريل پڙهون روانيون ڪيون، غالباً "بگهيارڙ ڦاٽ" آهي جو ان وقت اڃا هڪ ننڍڙو واهڙ هو. ڀڙ ڏسو مٿي نوٽ ص ۳۸۶. (ن ـ ب)

۶۸/[۱۱۸] انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي موج ٿا چون: يعني محمد بن قاسم نيرون کوٽ مان سيوستان ڏانهن روانو ٿيو ۽ اول اول "موج" وٽ پهتو جا نيرون کوٽ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کان ٹيهن نرسنگن تـي هئي- لغت جي لحاظ سان "موج" معنيٰ تکو وهندڙ پاڻي، جنهن سان گمان نکري ٿـو تـه غالباً محمد بن قاسم کنهن "نئڻن" وٽ پهتو جـا برسات سبب وهي رهـي هئي. ٻيرون کوٽ ۽ محمد بن قاسم دعا گهري هئي جنهن تي گهٽي برسات پئي هئي (ص ۱۶۵) ان سـان ظاهر آهي ته چؤماسـي جي سـند شروع ٿـي چڪي هئي. اڳتي هيٺ بيان مان ظاهر آهي ته "موج" وٽان روانـي ٿيڻ بعد محمد بن قاسم سڌو سيوستان (سيهوڻ) جي قلعي وٽ وڃي پهتو، ۽ هن موج وٽ ٿي انـي جا شمڻي (هڪ ترم جا زاهد) گڏجي وٽس آيا ۽ سائس صلح جو پکو عهدنامو کيائون.

مؤرخ بلاذري هن سـوقعي بابت لکي ٿـو ته: محمد بن قاسم، "مهراڻ جي اوريـان هڪ نهر کي عبور ڪيو، ۽ (اتي) سربيدس جـا شمڻي وٽس آيـا ۽ سائس صلح کيائـون" (فتوح البلدان ص ۴۳۸). ٻئي مؤرخ اليعقوبي (۲ × ۳۲۷) جـو بيان آهي ته محمد بن قاسم "مهراڻ جي اوريان سنڌ جي هڪ نهر ٽپيو ۽ (اتـان) مهبان (سيهوڻ) ڏانهن روانو ٿيو."

بلاذري ۽ يعقوبي جـي هنن حوالن جي فتحناميي جي عبارت سان پوري مطابقت آهي، ۽ ظاهر آهي ته فتحناميي جي "موج" هنن مـؤرخن جـي "نهر" آهي؛ ٻئي مـؤرخ، الهندي طرف ممالک اسلامية مـان لکندي چون ٿا ته: اها "مهراڻ جي اوريان" آهي، جنهن جي معنيٰ ته مهراڻ کان الهندي طرف هئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌ جي جغرافيءَ تي نظر ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته حيدرآباد (جتي غالباً قديم نيرون ڪوٽ هو) ۽ سيهوڻ جي وچ تي الهندي طرف واري ڪوهستاني اڀراضيءَ ۾ سنڌوندي جي ڪنهن به شاخ جو هڻ ممڪن ناهي. محمد بن قاسم کان اڳ يا پوءِ جي تاريخ مان به هن خيطي ۾ اهڙي ڪنهن الهندين شاخ جو ثبوت نٿو ملي. جيڪڏهن هن خيطي ۾ مهراڻ جي الهندي طرف کا نهر ڦي سگهي ٿي ته اها کا نٽن ڦي هوندي، ۽ فتحنامي جو لفظ "موج" انهيءَ دليل تي پڌرو شاهد آهي.

مگر سوال آهي ته ڪهڙي نٽن هئي جا محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ کان سيهوڻ طرف ڪوچ ڪندي ٽپي؟ جيئن ته هن اراضي ۾ صرف نٽن سن ڦي هڪ نمايان ۽ قديم نٽن آهي، ۽ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته غالباً اها ئي نٽن آهي جنهن کي فتحنامي ۾ "موج" ۽ عربي تاريخن ۾ "نهر" سڏيو ويو آهي. فتحنامي مطابق، "اتي جي شمنين (يعني هڏ ڏرم جي اڳوانن) محمد بن قاسم سان موافقت ڪئي" (ص۱۶۸). مگر نٽن سن لڳ ڪي به اهڙا آثار ڪين آهن جي انهن شمنين جي قديم بستي جو ڪو پتو ڏين. هن سلسلي ۾ مؤرخ بلاذري جو بيان زياده قرين قياس آهي. بقول بلاذري (ص ۴۳۸) محمد بن قاسم "نهر .... ٽپي پار ٻيو. ان بعد سوبيدس (يا سربندس) جا شمني وٽس آيا ۽ سائس صلح ڪيائون." ظاهر آهي ته اهي شمني، محمد بن قاسم کي هن "نهر" اکرن ٻوءِ ملیا يعني ته سندن بستي "نهر" جي ٻرپان ڪٽي هئي. هاڻي، 'نٽن سن' جي الهندي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرف عامري وٽ قديم درڙا ۽ ڪندرات آهن ۽ ساڳئي طرح لکي وارو هنڌ به ڪافي قديم آهي جو پنهنجي نزديڪ وارن جبلن ۽ ٻاڻي جي چشمي سبب پڌرم جي راهبن جي قيامگاهه لاءِ هڪ موزون مڪان آهي. غالباً اهي شمني انهيءَ جاءِ تي رهندڙ هٿا؛ فتحنامي جي عبارت موجب، هنن اتان سيهوڻ جي حاڪم بجهراءِ ذي پيغام موڪلي پئي ڪيس صلح لاءِ آماده ڪيو، جنهن جي معني ته اهي شمني سيهوڻ کان ڪو گهٽو پري ڪونه هٿا. جيئن ته لکي سيهوڻ کان گهٽو پري نه آهي. انهيءَ ڪري، فتحنامي جي عبارت جي روشنيءَ ۾، اهو مقام ٿي شمنين جي ممڪن بستي معلوم ٿئي ٿو.

فتحنامي ۾ جاڻايل آهي ته ٻوج، نيرون ڪوٽ کان ٽيهن فرسنگن تي هئي. جيڪڏهن هڪ فرسنگ ٽن ميلن جي برابر ليکجي ته اهو مفاصلو ۹۰ ميل ٿيندو جو تقريباً حيدرآباد کان سيهوڻ جو مفاصلو آهي. انهيءَ ڪري يا ته جنهن وقت فتحنامو لکيو ويو ان وقت فرسنگ جو مفاصلو تقريباً ڏهين ميل جي برابر هو، يا ڪاڪ ته نئين سر تقريباً حيدرآباد کان ۴۵ ميلن جي مفاصلي تي آهي؛ يا ته وري فتحنامي جي فارسي عبارت ۾ خلل آهي ۽ ممڪن آهي دراصل "سي فرسنگ" (يعني ٽيهه فرسنگ) جي بدلي "بيست وسي فرسنگ (ٽيويهه فرسنگ) هجي. ٻي ميل في فرسنگ جي حساب سان اهو مفاصلو ٦۹ ميل ٿيندو جو لڳ ڀڳ حيدرآباد کان لکي جو مفاصلو آهي؛ فتحنامي جي عبارت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"اتي جا شمني" مان مراد، جيئن متي سمجهايو ويو آهي، غالباً لڏي جا شمني آهي، ۽ ڏنل مفاهيلو به انهيءَ ماڳ سان لاڳو سمجهڻ گهرجي. والله علم بالصواب. (ن ـ ب)

۱۶۸ / [۱۱۸] قلعي جو بادشاهه: يعني سيهوڻ جي قلعي جو بادشاهه. (ن ـ ب)

۱۷۱ / [۱۲۰] سندس قلعو کنب نهر جي ڪناري تي سيسم [نالي] هو: يعني ته اهو قلعو پڏيم علائقي جي حاڪم جو هو جتي سيهوڻ جي حاڪم بجهراء پڄي وڃي پناهه ورتي. "کنب" يا "کنب" وڏي شاهي تلاءِ يا ڍنڍ جي معنيٰ ۾ اڄ ڏينهن تائين استعمال ٿئي ٿو، جنهن مان دليل نڪري ٿو ته "کنب" غالباً ساڳي منڇر جي ڍنڍ آهي جا محمد بن قاسم جي ڏينهن ۾ به يقيني طور موجود هوندي. فتحنامي جي اصل فارسي عبارت "آب کنبه" آهي جنهن جي لفظي معنيٰ "کنبه جو پاڻي" ۽ عام اصطلاحي معنيٰ 'کنب جي نهر' آهي. جيئن ته منڇر جي ڍنڍ قديم الهندين ناري سان ڳنڍيل هئي، انهيءَ ڪري ناري ڪي "کنب نهر" يا 'ڍنڍ واري نهر' چئي سگهجي ٿو. هيگ (انڊس ڊيلٽا ڪنڊري، ص ۵۸) توڙي هوڙي والا (ص ۸۹) ۾ انهيءَ راءِ جا آهن ته "کنب" مان مراد منڇر ڍنڍ آهي. البت هيگ (ص ۵۸) جي خيال ۾ "سيسم" ساڳيو "شاه حسن" آهي جو منڇر جي الهندين ڪناري تي آهي. سندس اهو گمان غالباً محض الهن ٻن نالن جي اڇارن ۾ مناسبت تي مبني آهي، ۽ اسان جي خيال ۾ صحيح نه آهي. شاه حسن ڪافي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوئين زماني جي بستي آهي. سيسم جي قلعي جي باري ۾ صرف ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهو يا منڇر جي ڏنڊ جي ڪناري تي يا قديم الهنديڻ ناري جي ڪپ تي هو. (ن-ب)

۱۷۲ / [۱۲۱] بندهان هڪ بستي، ڪنپ جي ڪناري تي هئي، جتي محمد بن قاسم سيسم جي قلعي تي چڙهائي لاءِ اچي منزل ڪئي. بندهان پڙهڻ قديم نسخي پ جي آهي ۽ اسان انهيءَ کي اختيار ڪيو آهي. ممڪن آهي ته اصل سنڌي نالو "بند + هان" هجي ۽ منڇر جي ڪنهن قديم بند سبب انهيءَ بستي تي اهو نالو پيو هجي؛ يا ممڪن آهي ته اهو نالو اصل ۾ "هنڌان" هجي. ر م نسخن جي پڙهڻ "نيلهان" آهي يعني ته هن نالي ۾ "ل" جو اضافو آهي. انهيءَ لحاظ سان هيگ (ص ۵۸) انهيءَ بستي کي موجوده "بلهڻ" (Bilhan) ڳوٺ (پڻ ديهه) سان تعبير ڪري ٿو جو سيهوڻ کان ۷ ميل اولهه طرف منڇر جي ڪناري تي آهي. (ن-ب)

۱۷۳/[۱۲۱] جنهن جو ونڊو اڪر، گنگا جي انهيءَ گهيڙ کان، جنهن کي اودنڊوهار ٿا سڏين، آيو هو: اصل فارسي عبارت منجهيل ۽ غالباً ناقص آهي (ڏسو حاشيه ۳، ص ۱۷۲)، ۽ انهيءَ ڪري ڪنهن به صحيح نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي. ميجر راورٽي (سهران، حاشيه ص ۲۳۴) محض اوٽ تي پنهنجي پڙهڻ اختيار ڪئي آهي ۽ سنڌس پڙهڻ ۾ ڏنل شورن جي نالن جو هوڙي والا (ص ۸۹) پتو ڏنو آهي، مگر جيئن ته راورٽي جي پڙهڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محض خيالي آهي، انهيءَ کري هوڙي والا جي تشريح ۾ بيسود آهي.

اصل فارسي عبارت ۾ پهريون نالو "اکر" آهي جنهن کي اسان ۽ ترجمي ۾ "اکر" کري لکيو آهي. مگر اهو نالو "اگر" ۽ ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان سڌ جون اگر، "آگرا" ۽ آگرا قومون ممکن آهي تہ انهي "اگر" جي نسل مان هجن. اڳتي ٻيو خاص نالو اصل فارسي عبارت موجب "کداره گنک" آهي جنهن کي اسان "گزاره گنگ" سمجهي، ان جو ترجمو "گنگا (ندي) جو گهيڙ" کيو آهي. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ شايد اهو نالو کنهن ملک يا مندر جو آهي (ڏسو فتحنامو فارسي متن، حاشيه ۸، ص ۱۲۱). لفظ "اودندوهار" جي ڇيڙي "وهار" مان ظاهر آهي تہ اهو هڪ ٻڌ جي مندر جو نالو آهي. (ن ـ ب)

۱۷۶ / [۱۲۴] بهطلور: تحفة الکرام (۳×۱۵) جي پڙهي "بهلطور" آهي.

۱۷۷ / [۱۲۴] حميد بن وداع النجدي: صحيح نالو "حميد بن وداع البَحْيري" آهي. ڏسو هيٺ، نوٽ ص ۳۱۸/[۲۱۷]. (ن ـ ب)

۱۷۹/[۱۲۵] بغرور جي قلعي جي مقابل ٻڌيم ڏرف جي اها اراضي ـ الخ: محمد بن قاسم ٻڌيم جو پرڳڻو سيهون ونڻ بعد فتح کيو، جنهن جي معني تہ اهو سيهون کان ستي اتر طرف هو. هن پرڳڻي جي گادي "کاکا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راج" شهر هو ۽ انهيءَ نالي جو نشان هينئر بہ "ڪڪر" جي نالي ۾ موجود آهي. انهيءَ جي معنيٰ تہ ٻڌيم پرڳڙو، مهراڻ درياءَ جي ساڄي طرف سيهوڻ کان اتر طرف هو ۽ موجوده ضلعي دادو جو اتريون پاڻو ان ۾ شامل هو. مگر زير بحث عبارت مان، جو خود محمد بن قاسم جو بيان آهي، ظاهر آهي تہ ٻڌيم جي اراضي اڃا ڏکڻ طرف لاڙڪاڻي ضلعي ۽ سکر ضلعي جي درياءَ جي سڄي طرف وارن پاڻن-ويندي "بغرور جي قلعي جي مقابل" يعني تہ بغرور جي قلعي جي آمهون سامهون واري حد تائين هئي جا محمد بن قاسم فتح ڪئي. ظاهر آهي تہ بغرور جو قلعو درياءَ جي هڪ طرف (ڪاهي) هو ۽ ٻڌيم جي حد سامهون درياءَ جي ٻئي طرف (ساڄي) هئي. اڳتي هلي اڃا بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ بغرور جو قلعو، اروڙ جي پرڳڻي جي حد اندر ۽ راجا ڏاهر جي هٽ هيٺ هو. فتحنامي جي مختلف نسخن جي پڙهڻين مطابق هن قلعي جو نالو "بغرور" يا "اغرور" چاڻايل آهي (ڏسو متن ص ۱۷۹، حاشيہ ۲)، مگر صحيح "بغرور" آهي ۽ اروڙ سان وابستگي جي بناء تي اهو قديم ٻڪر وارو قلعو سمجهڻ گهرجي- جنهن لاءِ ڏسو مٿي نوٽ ص ۱۳/[۹]. (ن. ب)

۱۸۰/[۱۳۶] ڏاهر جو سوٽ: يعني بجهراء بن چندر جنهن جو ذڪر مٿي ص ص ۱۶۸-۱۷۱ تي اچي چڪو آهي. (ن ـ ب)

۸۱/[۱۸۶] مهراڻ جي ايرندي طرف انهيءَ ماڻريءَ ۾ جا ڪشها (ڪچ) جي سمنڊ جو ٻيٽ آهي: فارسي ايڊيشن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متن ۾ "کشها" جي بدلي "کنبها" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي، ۽ فاضل ايڊيٽر گمان ڪيو آهي ته کنبها جي سمنڊ (بحر کنبها) مان شايد "کنيات جي نار" ڏانهن اشارو آهي (ڏسو فتحنامو، فارسي ايڈيشن ص ۲۶۲، نوٽ ص ۱۲۶). مگر اهو گمان قرين قياس ناهي. محمد بن قاسم نيرون کوٽ مان خط لکندي انهيءَ ماڻري جو ذکر ڪري ٿو جا مهراڻ درياءَ جي اپرندي طرف هئي، ۽ جتي ڏاهر جو هڪ گورنر حڪمران هو. کنيات جي نار جنهن جي ماڻري گجرات جو ڏاکڻيون حصو ٿي سگهي ٿو، سو هڪ سنڌ کان گهڻو پري ۽ ڏاهر جي حڪمراني کان ٻاهر هئا. محمد بن قاسم جي بيان مان هيٺ صاف ظاهر آهي ته انهيءَ ماڻريءَ جو گورنر ديبت جي قلعي جو والي هو؛ فتحنامي ۾ اڳتي ايندڙ ذکر مان پڻ تصديق ٿئي ٿي ته اهو ديبت جو قلعو مهراڻ جي دوآبي (Delta) ۾ هو. محمد بن قاسم يقيني طور انهيءَ دوآبي جو ذکر ڪري رهيو آهي، جو مهراڻ جي ڇوڙ واري ٻن مکيه شاخن جي وچ ۾ هو جي هڪي غالباً ڏکڻ طرف تقريباً سير، رڻ ۽ الهندين پراڻ جي قديم ويڙن جي لڳ ويڳ ڪچ جي اراضي جي سامهون ڇوڙ ڪندي هيون. انهيءَ لحاظ مان مهراڻ جو هيٺيون دوآبو هڪ معني ۾ ڄڻ ڪچ جي سمنڊ جو ٻيٽ هو. انهيءَ ڪري اسان متين عبارت ۾ "بحر کنبها" جي بدلي "بحر کشها" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جو "کشها" به معني "ڪچ" بلڪل قرين قياس آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۸۱ / [۱۲۶] بسامي [پٺ] راسل: فتحنامي جي معتبر نسخن مطابق اهو نالو انهيءَ طرح ٿيندو. مگر اسان جي خيال ۾ هيءَ نالو اصل کان غلط ڏنل آهي؛ صحيح نالو وسايو [پٺ] سربند ٿيڻ گهرجي.

هت محمد بن قاسم جي بيان مان ظاهر آهي ته هيءَ شخص ديبٽ جي قلعي جو حاڪم هو؛ ڏاهر جي مڪي ماڻهن مان هو، مگر سندس پٺ محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو. هيٺ فتحنامي جي بيان مان ظاهر آهي ته ديبٽ جو حاڪم وسايو [پٺ] سربند هو (ص ۲۲۵)؛ هو پاڻ ٽوڙي سندس هڪ پٺ راسل، ڏاهر جا پورا فرمانبردار هٿا ۽ انهيءَ ڪري اهي هڪي سندس ٻئي پٺ موڪي جا مخالف هٿا (ص ۲۲۶). مگر موڪو شروع کان ئي محمد بن قاسم ڏانهن مائل هو ۽ بالاخر سائس شامل ٿيو ۽ سندس اطاعت قبول ڪيائين (ص ص ۱۹۱-۱۹۵، ۲۰۷). انهيءَ تاريخي سياق مان ظاهر آهي ته هن جاءِ تي صحيح نالو وسايو پٺ سربند هٿن گهرجي؛ نه بسامي پٺ راسل. "بسامي" غالباً "بسايه" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ ڪاتب يا فارسي مترجم سهو وچان وسايي جي بيءَ "سربند" جي بدران سندس پٺ "راسل" جو نالو لکي ويو آهي. (ن ـ ب)

۱۷۹/[۱۳۲] انٽبهار: فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر جي خيال ۾ اهو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيهوڻ جي وچ ۾ هو (ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ۱۶۲: حاشيه ص ۱۳۲) مگر اهو صحيح نه آهي. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ بعد نيرون ڪوٽ فتح ڪيو ۽ ان بعد سيهوڻ ڏانهن روانو ٿيو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سيهوڻ ۽ هڏيه جي فتوحات بعد موڪي نيرون ڪوٽ آيو. انهيءَ دوران ۾ بلاذري جي "فتوح‌البلدان" خواه فتحنامي ۾ اشبهار جي فتح جو ڪوبه ذڪر ڪونهي، جنهن جي بناء تي چنجي ڏ. اهـو قلعو نيرون ڪوٽ ۽ سيهوڻ جي وچ ۾ هو. هن قلعي ڏي محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ کان ڏکڻ لاڙ طرف مهراڻ ٻڌ لاءِ ويندي وقت چڙهائي ڪئي. "اشبهار" جي نالي ۾ "بهار" جي ڇاڙيءَ مان ظاهر آهي ڏ. هن قلعي وٽ به ڪو هڏ ڏرم جو مندر هو. تنبڌه محمد خان لڳ "هڏ-جا-ٽڪر" اهڃاڻ ڏين ٿا ته غالباً هي قلعو انهيءَ ابراضي ۾ هو. (ن-ب)

۱۹۰ / [۱۳۳] ٻيٽ جي حاڪم جاهين ساڻس جنگ جوڻي: هن کان اڳ اچي چڪو آهي ته جاهين ڏاهر جي طرفان ديبل جـو حاڪم هو ۽ اتان ڇڪي نڪتو هو (ص ص ۱۵۱-۱۵۲). هن عبارت مان گمان نڪري ٿو ته ڏاهر، هاڻي جاهين کي محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ ٻيٽ جي قلعي جو ڪمانڊر مقرر ڪيو هـو ۽ ڪيس حڪومت جا به ڪلي اختيار ڏنا هٿا، جنهن جي تصديق هيٺ ايندڙ صفحي ۲۰۸ مان ٿئي ٿي. لهذا هت اتي جي "حاڪم" مان مراد "ڪمانڊر" ونڻ گهرجي، ورنه ٻيٽ جا حڪمران يا والي وسايو ٻٽ سربند ۽ سندس به ٻٽ موڪو ۽ راسل هٿا (ڏسو ص ۲۲۵-۲۲۶). (ن-ب)

۱۹۱/[۱۳۴] وجورته قصبه. وارو ماڪ: اصـل متن ۾ فتحنامي جي ڇهن قلمي نسخن جي پڙهڻي "ولايت قصبه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وجورته" ۽ هڪ نسخي ۾ جي پڙهڻي "ولايت قصبه جورته" آهي (ڏسو متي ص ۱۹۱، حاشيه ۳)، "قصبه" معنيٰ مرڪزي شهر جنهن جو نالو جملي قلمي نسخن موجب "وجورته" يا "جورته" ٿيڻ گهرجي. جيئن ته ڇهن نسخن ۾ "وجورته" ڏنل آهي، انهيءَ ڪري اسان به انهيءَ نالي کي ترجيح ڏني آهي، ۽ انهيءَ اصل عبارت جو ترجمو "وجورته قصبه وارو ملڪ" ڪيو آهي. فارسي متن جي فاضل ايڊيٽر "قصبه" جي بدران "قصبه" ۽ "وجورته" جي بدران "سورته" پڙهڻي اختيار ڪري، متن ۾ "ولايت قصبه و سورته" ضبط ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ ته "ڪچ (قصبه) ۽ سورٺ وارو ملڪ". مگر ايڊيٽر جي اها پڙهڻي صرف گمان ئي آهي، ۽ فتحنامي جي ڪنهن به قلمي نسخي سان ان جي تائيد نٿي ٿئي. ساڳي طرح ص ص ۱۹۵ ۽ ۲۱۹ تي به فاضل ايڊيٽر "قصبه" جي بدران "قصه" (يعني ڪچ) ڪري لکيو آهي. مگر اسان انهي به جملي قلمي نسخن جي پڙهڻي "قصبه" کي ترجيح ڏني آهي.

مؤرخ بلاذري (ص ۴۳۸) محمد بن قاسم جي فتوحات وقت قصه يعني ڪچ جي ملڪ جي راجا جو نالو راسل لکيو آهي، فتحنامي (ص ۲۱۸) ۾ جاڻايل آهي ته ڪچ جو ملڪ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت ڪيرج جي راجا داوهر جي حڪمراني هيٺ هو (يعني ته شايد ڪچ جو حاڪم راسل سنڌس تابع هو). بقول بلاذري (ص ۴۴۰)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم سنڌ ۽ ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تي چڙهائي ڪئي ۽ سُرَٺ (يعني سورٺ يا سراشترَ) وارن سان صلح ڪيو ۽ ڪبرج (يعني ڪبرا جو گجرات جي گادي هو) جي راجا دوهر (فتحنامي جو "دروهر") سان مقابلو ڪيو مگر شڪست کائي ڀڄي ويو. غالباً دوهر يا دروهر جي شڪست بعد ئي محمد بن قاسم قصبو يا ڪٻو ڪري به سنڌ جي اسلامي حڪومت سان ملائي ڇڏيو ۽ اهو ملڪ پنهنجي گورنر سليمان بن هذيل الازدي جي حوالي ڪيائين (ڏسو فتحنامو ص ۳۱۸). انهيءَ جي معنيٰ ته قصبو يا ڪٻو بعد ۾ فتح ڪيو ويو ۽ ان جي مٿان سنڌون سڏو هڪ عرب گورنر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ڪري زبر بحث صفحي واري عبارت ۾ "قصبو ۽ سورٺ" (يعني ڪڇ ۽ سورٺ) پڙهڻي قرين قياس نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ مهراڻ عبور ڪرڻ وقت ئي محمد بن قاسم جو ڪڇ ۽ سورٺ وارو ملڪ موڪي پٺ وسايو ڪي ڏيڻ مٿين تاريخي حوالن جي روشني ۾ بي معنيٰ نظر ايندو.

موڪي جو پيءُ وسايو، مهراڻ درياءَ جي پيٽ يعني دوآبي (Delta) جو واري هو، ۽ محمد بن قاسم موڪي کي اهو پيٽ وارو علاڪو ڏنو ۽ ان سان گڏ "قصبه وجورته" واري ابراضي پڻ ڏني (فتحنامو ص ۱۹۵). پر فتحنامي ۾ (ص ۱۹۱) چاڻايل آهي ته محمد بن قاسم اها وجورته" واري ابراضي موڪي کي "جاگير طور" ڏني جنهن سان ظاهر آهي ته اها ڪا ٽوري ابراضي هئي ۽ نه "ڪڇ ۽ سورٺ" يعني ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جو سڄو ملڪ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وري فتحنامي ۾ (ص ۲۱۹) جاڻايل آهي تہ هن قصبه وجورته وارو پاڳو ريگستاني هو. هاڻي سنڌ جو ريگستاني حصو هڪ ڏکڻ - اوپر طرف ترپارکر ضلعي وارو پاڳو آهي؛ فتحنامي ۾ قصبه جو نالو "وجورته" لفظي اصليت جي لحاظ سان "وگورته" ٿي سگهي ٿو ۽ ممڪن آهي تہ اهو مهراڻي ۽ ٿر وارو ساڪيو خيطو هجي جنهن کي هينئر وڏگو چنجي ٿو. والله اعلم بالصواب. (ن - ب)

۱۹۶/[۱۳۶] جيئن حجاج جي فرمان جي منڊ ۾ لکيل آهي: غالباً هن کان اڳ پهتل حجاج جي خط (ص ص ۱۸۲-۱۸۶) ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ ڏاڍر ڏانهن پيغام ڪڍي ويندڙ قاصد جي باري ۾ خاص هدايتون ڏنل آهن. (ن - ب)

۲۰۶/[۱۴۴] حمران سنه ۹۳ هـ ۽ لکيو: هيءُ فقره جنهن ۾ ڪاتب جو نالو ۽ سال ڪتابت موجود آهن، ڪافي تاريخي اهميت رکي ٿو، انهيءَ ڪري ڪاتب خواه سنه ڪتابت ٻئي غور طلب آهن. خط جو لکندڙ حمران، غالباً حمران بن ابان آهي، جنهن جي سوانحعمري مختصر طور هن طرح آهي. حضرت ابوبڪر رضہ جي عهد ۾ جڏهن اسلامي لشڪر حضرت خالد بن وليد، جي ڪمانڊ هيٺ عين التمر فتح ڪيو، تڏهن پرسان هڪ ڳوٺ "النقيرة" ۾ ٻارڙا ڪتابت ٻا صورتخطي جي سکيا وٺي رهيا هئا، جن ۾ حمران به هو. اهي به پنهنجي وڏن سان گڏ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لڑائي جي قيدين جي حيثيت ۾ نظربند ٿيا. حُمران کي حضرت عثمان رضہ خريد ڪري آزاد ڪيو، ۽ ڪيس فن ڪتابت جي تعليم ڏياريائين؛ ان بعد هو حضرت عثمان رضہ جو ڪاتب توڙي حاجب ٿي رهيو ۽ حضرت عثمان رضہ جي مهر به شروع ۾ سندس حوالي هئي. هوء وري حضرت عثمان رضہ طرفان بصره جو حاڪم مقرر ٿيو ۽ هڪ شخص عامر بن عبدالقيس التميمي جنهن حضرت عثمان جي شڪايت ٿي ڪئي، ان جي خلاف حضرت عثمان رضہ ڏانهن رپورٽ لکيائين. عبدالملڪ جي عهد ۾ سندس حمايت ڪيائين ۽ معصب بن زبير جي شهادت (جمادي الاول يا الاخره سنه ۷۲ هـ) بعد بصره تي قبضو ڪيائين. زياد جي گورنري واري زماني ۾ ڪو وقت شيراز ۽ فارس جو گورنر هو. اول ۾ حجاج سان سخت ڪاوڙيو، ۽ سندس ملڪيت ضبط ڪيائين ۽ ڪيس سزا ٿي ڏنائين مگر خليفي عبدالملڪ حُمران جي زوردار سفارش ڪئي، جنهن تي حجاج سندس ملڪيت واپس ڪئي ۽ خليفي کان ڪنيل قدم لاءِ معافي ورتي. حُمران کي حديث جي راوين ۾ شمار ڪيو ويو آهي (ڏسو بلاذري، فتوح البلدان ص ص ۲۴۷-۳۵۲ ۽ ۴۶۸؛ انساب الاشراف جلد ۴ ص ص ۱۶۰، ۱۶۲-۱۶۴، جلد - ۵ ص ص ۵۷-۵۸، ۶۶، ۱۸۶؛ ابن قتيبة، ڪتاب المعارف ص ۲۲۲ - ۲۲۳؛ ابو علي القالي، الاملي ص ۱۸۲؛ العقد الفريد، جلد ۲ ص ص ۹۲، ۲۰۸، ۲۶۵؛ ڪتاب المحبّر ص ۴۸۰؛ اصابه، رقم ۱۸۹۸؛ طبري جلد ۲ ص ۷۹۹؛

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ابن خاكان ، 393 ؛ تاريخ ابن كثير ، تحت سنه ۷۵ ؛ المقدسي، جمع بين رجال الصحيحين، جلد ۱ ص ۱۱۵).

متين مختصر سوانح مان ظاهر آهي ته حمران كتابت جي فن جو جاڻو ۽ كاتب هو. حجاج جڏهين واسراء ٽيو (سنه ۷۵ هـ) تڏهين جيئرو هو. سندس وفات بابت كا بكي تاريخي ثابتي موجود كانهي- البت ابن حجر لكي ڏو ته: "هن ۷۰ هجري بعد بصره ۾ وفات كئي. كي چون ٿا ته سنه ۷۱ هجري ۾؛ كي چون ٿا ته ۷۵ هجري ۾ ۽ كي چون ٿا ته ۷۶ هجري ۾" (اصابه، جلد ۱ ص ۳۸۰). ابن حجر كافي بعد جو مصنف آهي ۽ سندس هن بيان مان ظاهر آهي ته كنهن به پوري پك كانهي ۽ كنهن مليل روايتون محض گماني آهن. انهيءَ جي برعكس، نتحنامي ۾ محفوظ ٽيل خود حمران جو لكيل خط وڌيڪ معتبر آهي ۽ ان جي بناء تي كافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو هو ۹۳ هجري تائين جيئرو هو ۽ ان وقت هو حجاج جي كاتبن (مكيه سيكريٽرين) مان هڪ هو. جيئن ته خالد بن وليد "عين التمر" سنه ۱۳ هـ ۾ فتح كيو ۽ ان وقت حمران هارڙو هو يعني تقريباً ستن ائن ووهين جو هو، ته انهيءَ حساب سان سنه ۹۳ هجري ۾ سندس عمر تقريباً ۸۷ يا ۸۸ ورهيه هوندي جا بلكل قرين قياس آهي. (ن. ب)

۲۱۰/[۱۴۷] جهڪم ۽ كرهل جي پرڳڻن- الخ: جهڪم جو پرڳڻو غالباً انهيءَ ساڳي اراضي تي مشتمل هو جنهن جو مركز "جهم پير" جي زيارتگاهه آهي. جهم پير معني

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"جهم جي اراضي جـــو پير." "جهر" جـي معني هيٺاهين نشيب واري زمين جا موجوده جهم پير کان انـــر طرف ان شروع ٿئي ٿـي ۽ ويندي هيٺ ڏکڻ طرف هلي وڃي ٿي جن ۾ سونهري ۽ ڪينجهر جون ڏنڊون به اچي وڃن ٿيون. انهيءَ نمندي يا جهم يا نشيب واري ماڻي جو ڏاکڻيون ڏنگ تقريباً ڪينجهر ڏانڊ جو ڏاکڻيون ڇيڙو سمجهڻ گهرجي جو ٺٽي کان تقريباً ۱۹-۲۰ ميل اتر طرف آهي.

"ڪرهل يا گرهل يـــا گوهر (ڏنڊو ۽ وڏو) ٺٽي جي پسگردائي ۾ هو جيئن ته ڪتاب بيان العارفين ۾ چاڻايل آهـي. اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ گرهر ٺـٽي جي پرڳڻي ۾ داخل هو ـ ڏسو آئين اڪبري طبع بلاخمن، ص ۷۵۷" (ع - م). اميرن جي ڏينهن ڏائين ٺٽي جي اتر ـ اوير واري اراضي کي "گرڙ" سڏيندا هئا، جنهن ۾ خان سومرو هڪ طاقت وارو سردار هوندو هو ۽ بعضي اميرن جي به ڪاٺ نـه ڪيندو هو. ظاهر آهي ته گرڙيا گرهر يا گرهل يـــا فتحناني وارو قديم ڪرهل وارو پرڳڻو، جهيڙ پـرڳڻي جي لڳو لڳ ڏکڻ طرف هو ۽ ممڪن آهي تـه ان جي ڏکڻي سرحد موجوده ٺٽي شهر کان به ڪافي ڏکڻ طرف تـــائين پکڙيل هجي. (ن - ب)

۲۱۵/[۱۵۰] پـوء حجاج جي حڪم سان پچيل ڪپهه آڻي، سرڪي ۾ بوڙي خشڪ ڪندا ويـــا: مؤرخ بلاذري پڻ هن حقيقت جي تـــائيد ڪئي آهي ـ "و عمد الحجاج

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

الي القطن المحلوج فنقع في الخل الخمر الحاذق ثم جفف في الظل" (فتوح البلدان ص ۴۳۶) ـ يعني ته حجاج جي تجويز موجب ڪپهه کي سرڪي ۾ آلو ڪري پوء چانو ۽ سڪايو ويو. (ن ـ ب)

۲۱۵/[۱۵۱] هن داستان جي مصنف خواجه امام ابراهيم روايت ڪئي آهي: "خواجه امام ابراهيم" سان مراد غالباً امام ابراهيم بن عبدالله بن الحسن بن الحسن بن علي بن ابي طالب آهي جو قتيل باخمرا" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سنه ۱۴۵هـ ۾ امام ابراهيم ۽ سندس پاءُ امام محمد کليو ڪلايو خليفي منصور عباسي جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ٻئي بالاخر شهيد ٿيا.

امام ابرهيم کان هن تاريخي روايت لاءِ ۽ اهم ثبوت آهن: (۱) بهربون ته امام ابراهيم هڪ وڏو عالم هو ۽ ڪيترن ئي عملي ۽ ادبي شعبن ۾ دسترس هئس. "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي ته: امام ابراهيم گهڻن ئي علمي شعبن جو وڏو ڄاڻو هو (كان ابراهيم من كبارالعماء في فنون كثيرة ـ ص ۸۵). وڌيڪ لکي ٿو ته جڏهن امام ابراهيم، خليفي منصور عباسي جي خوف کان خفيه زندگي گذاري رهيو هو، تڏهن بصره جي عالم مفضل بن محمد الضبي وٽ اچي رهيو ۽ کانئس قديم عربي شعر جا ڪتاب مطالعي لاءِ ورتائين ۽ انهن ڪتابن ۾ اسي (۸۰) چونڊ قصيدن تي پنهنجا نشان لڳايائين. سندس شهادت بعد مفضل اهي قصيدا "المفضليات" جي نالي سان شايع ڪيا (۱ ـ هـ).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عربي ادب جي مشهور محقق علامہ عبدالعزيز الميمني سابق پروفيسر ۽ صدر شعبہ عربي مسلم يونيورسٽي عليگڙھ، ۱۴۴ ۾ "آل انڊيا اورينٽل ڪانفرنس" (بنارس) ۾ پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ مضبوط دليلن جي بناء تي متين نظري جي تائيد ڪئي هئي تہ عربي شعر جو مشهور مجموعو "المفضليات" غالباً امام ابراهيم جي حسن انتخاب جو نتيجو آهي. هن سان ثابت ٿيو تہ امام ابراهيم هڪ وڏو اديب هو. مگر ادب کان سواء هو بين علمي شعبن ۾ بہ ماهر هو جيئن تہ "عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب" جي مصنف لکيو آهي: انهيءَ ڪري ڪافي وٿوق سان چئي سگهجي ٿو تہ غالباً ڪيس تاريخ ۾ بہ ڪافي دسترس هئي. (۲) سندس طرفان سنڌ جي هن تاريخي روايت جو بيو اهم ثبوت هيءَ آهي تہ امام ابراهيم خود سنڌ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ آيو هو. جڏهين خليفي منصور عباسي، ابراهيم ۽ محمد جي والد عبدالله کي گرفتار ڪيو. تڏهين هي ٻئي ڀاءُ خوف کان عدن ڏانهن هليا آيا ۽ اتان ٻيڙين ذريعي سنڌ ۾ آيا. مگر ڪنهن جاسوس وڃي (منصور طرفان) سنڌ جي گورنر عمر بن حفص کي سندن خبر ڏني جنهنڪري هو وري اتان نڪتا ۽ ڪوفہ ۾ آيا (ڏسو طبري ۳ × ۲۸۲ ۽ ابن خلدون ۳ × ۱۸۸). غالباً سنڌ ۾ انهيءَ مختصر قيام جي دوران ۾ ئي امام ابراهيم، سنڌ جي مشهور فاتح محمد بن قاسم جي تاريخي فتوحات جي تحقيق

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کئي ۽ کافي وڌيڪ سان چئي سگھجي ٿو تہ هيءَ روايت سندس تحقيق جو نتيجو آهي. (ن ـ ب)

۲۲۳/[۱۵۵] اگھم جي رستي تي مقرر ڪيائين: يعني اهو رستو جنهن تي اگھم جو شهر واقع هو. اگھم مان مراد غالباً "اگھم ڪوٽ" آهي جنهن بابت مير علي شير قانع لکي ٿو تہ: ان تي اهو نالو اگھم لوهاڻي جي پويان پيو (تحفة الڪرام ۳ × ۱۶۲). غالباً آڪاڻي زماني ۾ اها اراضي لوهاڻي برڪٽي ۾ داخل هئي، جنهن جي گادي جو هنڌ برهمٽاباد هو. اگھم، راء گھراٽي جي ڏينهن ۾ لوهاڻي جي ٻرڪٽي جو حاڪم هو جنهن چچ جي مخالفت ڪئي (ڏسو فتحنامو ص ص ۵۵-۵۹). تحفة الڪرام جي مصنف جي اها راء قرين قياس آهي تہ هن اگھم ٽي اهو اگھم ڪوٽ جو شهر ٻڌايو. مير علي شير اگھم ڪوٽ ۾ مدفون اولياڻن مان مخدوم اسمعيل سوسري وغيره جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ظاهر آهي تہ "اگھم ڪوٽ" مان سندس مراد اها قديم بستي آهي جنهن کي هينئر "اگھاسٽو" سڏجي ٿو، جو حيدرآباد کان تقريباً ۲۵ـ۳۰ ميل ڏکڻ-اوپر طرف مهراڻ جي هڪ قديم مجريل يا ديوري تي واقع آهي. غالباً اهو ديورو ساڪيو اهو آهي جو قديم برهمٽاباد واري اراضي مان وهندڙ هو جتي (شهدادپور ۽ ٽنڈه آدم کان اوپر طرفان) اڄ ڪلهوڙن ان کي "لوهاٽو درياءَ" چون ٿا، يعني تہ قديم لوهاڻي برڪٽي مان وهندڙ درياءَ. غالباً قديم برهمٽاباد کان وٽي اگھم ڪوٽ تائين، ان وقت جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مهراڻ درياءَ جي ماڙي لوهاڻي پرڳڻي ۾ داخل هڻي جنهن ٿي اڳهم جي حڪومت هئي. (ن - ب)

۲۳۲/[۱۶۱] ٻوءِ محمد علافي هن (ڏاهر) کان جدا ٿي ٻيلمان جي حڪومت ڏانهن هليو ويو: هيءَ روايت، محمد علافي بابت اڳتي ايندڙ بيانن جي خلاف آهي. هن روايت موجب محمد علافي ڏاهر کي ڇڏي هليو ويو ۽ ٻيلمان جي حڪومت ۾ وڃي رهيو تان جو ڏاهر جنگ ۾ مارجي ويو. مگر اڳتي ايندڙ بيانن سان ظاهر آهي ته محمد علافي ڏاهر ۽ سندس پٽ سان وبندي سندن آخري شڪست تائين شامل رهيو. مثلاً جڏهين ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه کي اول اول محمد بن قاسم جي مقابلي لاءِ موڪليو ته محمد علافي به خاص صلاحڪار طور ساڻس گڏ ويو ۽ ان وقت ڏاهر کي جنگ جي حرفت بابت پڻ پنهنجي راءِ کان واقف ڪيائين (ص ص ۲۴۵-۲۴۶) ڏاهر جي مارجڻ بعد پڻ هو سندس پٽ جيسينه جو حامي ۽ صلاحڪار ٿي رهيو (ص ص ۲۸۰-۲۸۱). البت جڏهين جيسينه نااميد ٿي برهمڻاباد جي قلعي ۾ ڪوچ ڪيو ۽ سنڌ کي ڇڏي وڃي چترور جي ملڪ ۾ پناه گزين ٿيو، تڏهين محمد علافي ڪانئس هميشه لاءِ موڪلائي پنهنجي راهه اختيار ڪئي (ص ۲۹۵)، ڇاڪاڻ ته هاڻي جيسينه جي حيثيت هڪ پناهه گزين جي هئي ۽ منجهس مقابلي جي طاقت ڪانه رهي هئي. محمد علافي ڪانئس جدا ٿي اول اول طاڪيه (يعني "ڪاديش" جو ملتان جي اتر ۾ هو) ۾ آيو ۽ اتان بالاخر ڪشمير جي راجا وٽ ويو جنهن سندس وڏي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مرحبا ڪئي ۽ ڏيس جاگيرون ڏنائين جتي هو هميشه لاءِ وڃي مقيم ٿيو (ص ص ۲۹۵-۲۹۷).

۲۴۳/[۱۶۱] پوءِ محمد بن قاسم هن (محمد علافي) کي امان ڏيئي، ڪيس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو- الخ: هتي لفظ "پوءِ" جو مطلب اهو نه آهي ته محمد علافي جي ڏاهر ٻا جيسينه وٺان چڏي وڃڻ کان "پڪدم پوءِ" لفظ "پوءِ" صرف واقعات جو تسلسل ڏيکاري ٿو ۽ نه وقت جي قرابت، ۽ مطلب آهي ته "ان بعد": يعني ته محمد علافي جڏهين ڏاهر ۽ سندس پٽ جي حمايت کان بالاخر هٿ ڏوئي جدا ٿيو ۽ وڃي پنهنجي مٿي کٽي ٿيو ان بعد ڪنهن موقعي تي محمد بن قاسم وٽ اچي پيش ٿيو ۽ هن ڪيس امان ڏنو. محمد علافي غالباً محمد بن قاسم اڳيان ملتان جي فتح بعد پيش ٿيو هوندو جاڪاڻ ته محمد علافي جو قيام "شاڪلهار" ديهه ۽ هو جتي ڪيس ڪشمير جي راجا طرفان پڪي جاگير مليل هئي (فتحنامو ص ۲۹۶) ۽ اهو "شاڪلهار"، ملتان ۽ ناڪيه (ڪاديش) جي اترئين سرحد تي ڪشمير جي سرحد لڳ هو (فتحنامو ص ۵۱).

محمد بن قاسم جو محمد علافي کي امان ڏيڻ البت غور طلب آهي. محمد ۽ سندس ٻاڻ معاويه درحقيقت باغي هئا، جن مڪران جي گورنر سعيد بن اسلم ڪلابي کي قتل ڪيو هو؛ سندن سزا واسطي خود حجاج سنه ۸۵ هجري ڏاري مجاعه بن سعر تالي گورنر کي مڪران ڏانهن روانو ڪيو هو، مگر ان جي اڳ ڪان اڳ علافي پڄي اچي سندن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي راجا ڏاهر سان پيڙا ٿيا هئا. ڏسو متي ص ص ۴۲۴-۴۲۵، نوٽ ۱۹۵ /[۲۷۰]. انهيءَ حالت ۾ حجاج جهڙي سرڪش وائسراء طرفان هينئر محمد علافي لاءِ امان جي ڪابه اميد ڪانه هئي. ۽ پانڌجي ٿو ته شايد هن فيصلي ۾ محمد بن قاسم جي راءِ ۽ سفارش ڪي وڏو دخل هو. محمد علافي کي محمد بن قاسم امان شايد انهيءَ ڪري ڏنو جو هڪ ته هن ڏاهر طرفان اسلامي لشڪر جي خلاف ترار ڪانه ڪئي ۽ ڏاهر کي صاف طور ٻڌايائين ته "اسان مسلمان آهيون ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نه ڪنداسون ۽ نه ترار ڪنداسون" (ص ۲۳۱). ٻيو وڏو سبب غالباً هيءَ هو جو محمد علافي، ڏاهر جي پٽ جيسينه کان بالاخر جدا ٿي پنهنجي هوشياري ۽ قابليت سان ڪشمير جي راجا وٽ وڏو درجو حاصل ڪيو هو. سندس اها ئي وڏي لياقت هئي جنهن غالباً محمد بن قاسم کي متاثر ڪيو ۽ ٻيش ٻوڙ بعد هن کيس اسان ڏيئي پنهنجي طرفان سفير مقرر ڪيو. زير بحث صفحي تي اڳتي ڏنل عبارت مان ظاهر آهي ته محمد علافي هڪ ڪامياب سياسي سفير ثابت ٿيو. (ن-ب)

۲۲۴/[۱۶۲] ڪيرج جو راجا سر بند، (ع) ڪنبه يا ڪشه جو مالڪ ڪوڪو پٽ موڪو: فتحنامي خواه مؤرخ بلاذري جي بيانن موجب ڪيرج جو راجا دوهر يا دروهر هو، ۽ ڪچ جو راجا راسل هو (ڏسو متي نوٽ ص ص ۴۷۴-۴۷۵). انهيءَ صورت ۾ هيءَ سر بند شايد ڪيرج جي حڪمران خاندان جو ڪو فرد هو يا ان حڪومت جو ڪو نئيو راجواڙو هو، ۽ ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن ڪشه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مان مراد کچ آهي ته، کوکو به شايد اتي جي حڪمران گهراڻي جو کو فرد هو يا ان حڪومت جو کو نندو راجا. ن ب)

۲۴۸ / [۱۶۴] محمد بن ابي الحسن مدني کان روايت ڪئي اٿن: راوي جو نالو پنجن قلمي نسخن موجب "محمد بن ابي الحسن مدني" ۽ ٻن نسخن موجب "محمد بن الحسن مدني" طور ڏنل آهي. متي ص ۲۴۴ / [۱۶۲] ڏي ٻي هڪ روايت جملي نسخن جي متفقه پڙهڻي موجب محمد بن حسن جي نالي منسوب آهي- ڏي سگهي ٿو ته انهن ٻنهي روايتن جو راوي "محمد بن حسن مدني" نالي کو شخص هجي. مگر گمان غالب آهي ته هنن ٻنهي جاين تي اصل صحيح نالو علي بن محمد ابوالحسن المدائني هو جنهن جي شروع واري حصي "علي بن" جي ڏهي وڃڻ بعد، "محمد ابوالحسن المدائني" واري فقره ۾ "ابو" کي "بن" بنايو ويو ۽ "المدائني" کي "مدني". مقدمي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته نتجناميِ جو وڏو حصو ابوالحسن علي بن محمد المدائني جي تصنيف آهي ۽ اڪثر روايتون ان جون ڏي جمع ڪيل آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءَ ٻه روايتون به غالباً ان وٽان ڏي آهن. (ن-ب)

۲۴۱ / [۱۶۷] وزير سياکر: متي ص ۱۹۸ تي، هن صفحي تي ۽ ٻن هن کان اڳتي آيل بيانن مان ظاهر آهي ته وزير سياکر، ڏاهر جو خاص صلاحڪار هو. هن نالي متعلق هوڙي والا جي تحقيق هيٺين طرح آهي: "اصل سنسڪرت نالو شايد "شيڪشاڪر" هجي، بمعني استاد يا رهبر. ٻئ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هي نالو "يشسكر" ٿي سگهي ٿو جو ٻئي شخص جي علاوه، ڪ برهمڻ جو نالو هو جو سنہ ۹۳۹ع ۾ ڪشمير جو راجا ٿيو ۽ ۹۴۸ع ڌاري مٿو (هوڙي والا، ص ۹۰).

۲۵۱ / [۱۷۴] باقي ٻيا سوار ۽ ٿاڻي، جاهين جي هٿ هيٺ، اسلامي لشکر جي سامهون روانا ڪيائين: هيءُ ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ چوٽين ڏينهن واري جنگ جو بيان آهي. مگر متي ص ۲۴۳ تي ڄاڻايل آهي تہ جاهين ٽئي ڏينهن واري جنگ ۾ مارجي وئو. الهيءُ ڪري يا تہ هن نالي ۾ غلطي آهي، يا تہ هي ڪو ٻيو آهي. (ن-ب)

۲۵۲ / [۱۷۴]. زياد بن جلندىٰ ازدي: اصل متن ۾ "زياد بن جليدي ازدي" هو ۽ اسان "جليدي" جي تصحيح "جلندىٰ" ڪي مناسب سمجهي متن ۾ رکيو. مگر "جليدي"، "الحواري" جي بگڙيل صورتخطي ٻہ ٽي سگهي ٿو ۽ الهيءُ لحاظ سان نالي ڪي "زياد بن الحواري ازدي" ٻہ پڙهي سگهجي ٿو. غالباً هيءُ اهو ساڳيو شخص "زياد بن الحواري العتڪي" آهي جنهن جو ذڪر هيٺ ص ۲۷۰ / [۱۸۷] تي اچي ٿو، جاڪاڻ تہ "العتڪي" نسبة آهي، "بنو العتيڪ بن الازد" ڏانهن ۽ الهيءُ ڪري "عتڪي" نسبة واري شخص ڪي "ازدي" ٻہ چئي سگهجي ٿو. مگر جيئن تہ اسان هيٺ ص ۲۷۰ / [۱۸۷] جي نوٽ ۾ واضح ڪيو آهي، هيءُ شخص "زياد" نہ پاڻ سندس پٽ "الحواري بن زياد" هئڻ گهرجي (ن-ب)

۲۵۲ / [۱۷۴]. خريم بن عروه مدني: جيئن تہ جملي قلمي نسخن مطابق هن جاء تي الهيءُ نالي جي اها پڙهڻي آهي، الهيءُ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري متن ۾ به ان کي انهيءَ ساڳيءَ طرح وڪيو وڃو آهي، مگر صحيح نالو يقيني طور ''خريم بن عمرو مدني'' سمجهڻ گهرجي. خريم جو ذڪر فتحنامي ۾ ڪيترين ئي جاين تي آيو آهي. ص ص ۱۳۷ / [۹۸]، ۱۴۴ / [۱۰۳] ۽ ۱۵۰ / [۱۰۷] تي صرف ''خريم'' جي نالي سان ذڪر ٿيل آهي؛ ص ص ۱۴۳ / [۲۰۲]، ۲۷۸ / [۱۹۲]، ۳۱۴ / [۲۲۰] ۽ ۳۵۱ [۲۴۰] تي پڻ جي نالي سميت ''خريم بن عمرو'' طور آيل آهي؛ ص ۲۶۰ / [۲۸۰] تي جملي قلمي نسخن مطابق سڄو نالو نسبت سميت صاف طور ''خريم بن عمرو مدني'' ڏنل آهي ۽ ص ۲۹۴ / [۲۰۲] تي نسبة ۾ ذرا تحريف آهي مگر ظاهراً اهو نالو ''خريم بن عمرو مدني'' آهي انهيءَ ڪري هن زبير بحث نالي ۾ ''عروه'' يقيني طور ''عمرو'' جي تحريف آهي ۽ صحيح نالو ''حزيم بن عمرو مدني'' سمجهڻ گهرجي. ص ۲۲۳ / [۲۲۰] تي ڏنل نالي ''جنيد بن عمرو'' ۾ به غالباً ''جنيد''، ''خريم'' جي تحريف آهي ۽ اتي به صحيح نالو ''خريم بن عمرو'' سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

۲۵۷ / [۱۷۸] تميم بن زيد قيني: هن صفحي تي، ٽوڙي صفحن ۲۶۰ / [۱۸۰] ۽ ۳۱۲ / [۲۱۴] تي، اصل فارسي متن ۾ هن نالي جي نسبة ''قيسي'' ڇاڙيل آهي، مگر ڪافي وٿوق سان چئي سگهجي ٿو ته صحيح نسبة ''قيني'' آهي، جا ''قضاعه'' جي قبيلي ''بَلْقَيْن يا اَلْقَيْن بن جَسر'' ڏانهن منسوب آهي (ڏسو نقائض جرير و فرزدق، ص ص ۱۳۰، ۶۷۵). نسبة ''القيني'' جي صورتخطي، ''العتبي'' ۽ ''القتبي'' نسبتن جي صورتخطي سان ايترو ته ملي ٿو جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهن ۾ اشتباه جي کافي گنجائش آهي، ۽ انهيءَ کري حافظ عبدالغني پنهنجي کتاب "مشتبه النسبة" (ص ۴۶) ۾ هن اشتباه ڏانهن خاص طرح اشارو کيو آهي. هن مصنف جو اهو اشارو بلکل وزندار آهي ڇاڪاڻ ته مؤرخ بلاذري جي کتاب "فتوح البلدان" جي يورپ واري ايڊيشن (ص ۴۴۳) توڙي ياقوت جي کتاب معجم البلدان جي يورپ واري ايڊيشن (II/380) ۾ تميم بن زيد جي نسبة بلکل هن اشتباه سبب "العتبي" کري لکي وڌي آهي. مگر هيءَ نسبة ايڏا بهن اشتباهن جو مرتکب ٿي آهي. جيئن ته فتحنامي توڙي "معجم البلدان" جي هڪ قلمي نسخي (حاشيو II/380) مطابق ان کي "القيسي" کري لکيو ويو آهي؛ ۽ تاريخ ابن خلدون (۳ × ۶۶-۶۷) ۾ "الضبي." مگر تميم بن زيد جي صحيح نسبة "القيني" آهي ۽ متعدد کتابن ۾ اها بالکل انهيءَ طرح صحيح طور ڏنل آهي [ڏسو ديوان فرزدق، طبع ساوي، ص ۱۹۱؛ نقائض جرير و فرزدق، ص ص ۳۸۰-۳۸۱ قلمي نسخي ل، نمبر 3758 متحف برطانيه؛ ذيل آمالي (لأبي علي القالي) ص ۷۷؛ الکامل للمبرد، يورپ ايڊيشن، ۱ × ۲۸۰؛ اللسان، ۱ × ۳۱۷؛ ۽ ابن الاثير، ۴ × ۳۸۳].

فتحنامي جي ص ۳۱۲/[۲۱۴] مان ظاهر آهي ته تميم بن زيد، محمد بن قاسم جي فوج ۾ هڪ خاص لياقت وارو ماڻهو هو ۽ شهر برهمڻاباد جي برهمڻن کيس وچ ۾ آڻي محمد بن قاسم سان معاهدو کيو. تميم بن زيد جي انهيءَ لياقت ۽ محمد بن قاسم سان سندس جي فتوحات ۾ سندس شموليت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ تجربي سبب ٿي ڪيس تقريباً ۱۸-۱۹ سال پيو سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو (فتوح البلدان، ص ۴۴۳) ۽ هو تقريباً ۾ سال ۱۰۹-۱۱۱هـ) انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. (ن-ب)

۲۶۳/[۱۸۴] ڏاهر هائيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو: هن حقيقت جي تصديق مؤرخ بلاذري جي روايت مان به ٿئي ٿي. ۽ ترجل داهر و قاتل فقتل (فتوح البلدان ص ۴۳۸)- يعني ته ڏاهر پيدل ٿي لڙائي ڪئي ۽ پوءِ قتل ٿيو. (ن - ب)

۲۶۶/[۱۸۵] ڏاهر جو سر پٽ هن (عمرو بن خالد) ڏي پيو اڪ ڪيو: مؤرخ بلاذري لکي ٿو ته المدائني جي روايت موجب ڏاهر کي بنو ڪلاب قبيلي جي هڪ شخص قتل ڪيو (فتوح البلدان، ص ۴۳۸). فتحناميءَ ۾ هيٺ هن صفحي تي عمرو بن خالد جي حجاج سان ڪيل گفتگو ڏنل آهي ۽ صفحي ۲۶۷ تي اهي اشعار ڏنل آهن جي هن حجاج آڏو ڏاهر جي سر پيش ڪرڻ وقت پڙهيا. اهي ساڳيا اشعار بلاذري مٿي چاڻايل صفحي تي بنو ڪلاب قبيلي جي انهيءَ شخص ڏانهن منسوب ڪيا آهن جنهن ڏاهر کي قتل ڪيو هو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته عمرو بن خالد، بنو ڪلاب جي قبيلي مان هو ۽ هن ئي ڏاهر کي قتل ڪيو. البت بلاذري (فتوح، ص ص ۴۳۸-۴۳۹) ۾ هڪ روايت ابن الڪلبي جي پڻ نقل ڪئي آهي جنهن موجب القاسم بن ثعلبه بن عبدالله بن حصن الطائي، ڏاهر کي قتل ڪيو. مگر ابن الڪلبي جي پيٽ ۾ مشرقي فتوحات جي سلسلي ۾ المدائني جي روايت زياده معتبر آهي، فتحناميءَ جي بيان توڙي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بلاذري جي المدائني واري روايت، انهن ٻنهي جي مطابقت مان تصديق ٿئي ٿي ته عمرو بن خالد کلابي ٿي ڏاهر کي قتل کيو. (ن - ب)

۲۶۸/[۱۸۵] محمد بن قاسم هن (ڏاهر جي زال لاڏي) کي خريد ڪري ٻنهنجي زال بنايو: اهو صحيح نه آهي- تفصيل لاءِ ڏسو سنڌي ص ۴۴۳، بسلسلي ٽوٽ ص ۱۳۱ / [۹۴]. (ن - ب)

۲۷۰/[۱۸۸] زياد بن الحوارِيّ العَتَكي^ اصل فارسي متن ۾ "العتكي" جي بدران "العبدي" آهي، مگر انهيءَ نسبة سان اهو نالو ڪنهن به تاريخ ۾ نظر نٿو اچي. البت الحواري بن زياد بن عمرو العتكي، بَنُو العَتِيكْ بن الازد قبيلي سان هڪ مشهور شخص ٿي گذريو آهي، ۽ الحواري جو پيءُ زياد، حجاج جي طرفان پوليس جو چيف هو (ابن دريد، كتاب الاشتاق، ص ۲۸۴). غالباً زياد نه، مگر سندس پٽ الحواري جو ڏاڏو مشهور آهي، سو محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ شامل هو، ۽ انهيءَ ڪري متن ۾ به صحيح نالو "الحواري بن زياد العتكي" هٿ ڪهرجي. (ن - ب)

۲۷۵/[۱۹۰] حجاج جي ٻنهنجي نياڻي محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي روايت: هي حڪايت تاريخي اعتبار سان بالڪل غير معتبر آهي، جيئن ته مٿي ص ۴۴۱ ٽوٽ ص ۱۳۱ / [۹۴] ۾ تفصيل سان واضح ڪيو ويو آهي. (ن - ب)

۲۸۳/[۱۹۴] لفظ ۽ زرنيخ، اصل فارسي متن ۾ "زرنيخ" جي بدلي "زرداخ" آهي جو هڪ مبهم لفظ آهي. متن ۾

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن صفحي جي حاشيه هيٺ آسان واضح ڪيو آهي ته "نفط ۽ زرنيخ" هڪ قديم ڪيميائي اصطلاح آهي، ۽ هنهي لفظن ۾ ڇاڙي واري "خ" ڏيکاري ٿي ته "فرداخ"، "زرنيخ" جي بگڙيل صورتخطي آهي. هوڙي والا (ص ۹۳) فرداخ يا فرداج کي "غرواه" يا "غراوه" يا "عراده" جي بگڙيل صورت سمجهي ٿو جا قرين قياس ناهي. اول ته هنهي لفظن جي آخر ۾ "خ" ۽ "ه" اکرن ۾ ڪا اهڙي مناسبت ٿي ڪانهي جا ڪاتب جي غلطي جو سبب بنجي. ٻيو ته خود هوڙي والا جي بيان مطابق غرواه، غراوه، يا عراده جي معنيٰ ۽ ٿر آهي، مگر فتحنامي جي عبارت مان صاف ظاهر آهي ته هيءَ شيءَ رات جي لڙائي ۾ "نفط" (يعني پيٽرول يا naptha تيل) سان گڏ استعمال ڪئي وئي. پٽرن جو تيل سان گڏ استعمال بي معنيٰ آهي، ۽ انهيءَ ڪري صحيح لفظ زرنيخ ٿي آهي يعني هڙتال جو معدنيات مان آهي ۽ باهه جي الن ۾ ڪاڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. (ن - ب)

۳۸۴/[۱۹۵] راجا ڏاهر جي ياڏيجي "حسنه" نالي ۾ انهن ۾ هئي: "حسنه" نالو عربي آهي جو ڏاهر جي ياڏيجي جو ٿي نٿو سگهي. ممڪن آهي ته سندس نالو اهڙو هجي جنهن جي معنيٰ عربيءَ ۾ "حسنه" (سهڻي) هجي. مگر فتحنامي مان، سواءِ "مابين" جي ڏاهر جي ٻي ڪنهن به ٻيڙ جو نالو ثابت ڪونهي، ۽ انهيءَ کي ٻڌ راجا ڏاهر پنهنجي زال بنايو هو. انهيءَ حالت ۾ راجا ڏاهر جي هيءَ ياڏيجي ڪٿان پيدا ٿي! موجوده صورت ۾ هيءَ روايت بلڪل غير معتبر معلوم ٿئي ٿي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲۸۵ / [۱۹۶] پوءِ اجازت موجب عبدالله انهيءَ (حسنه) کي نڪاح ۾ آندو: هيءَ ساڳي "حسنه" آهي جنهن جو ذڪر متئين نوٽ ۾ اڳي ڇڪو آهي. هيءُ بيان بہ هڪ انسانو آهي. اول تہ عبدالله بن عباس رضہ، وليد جي ڏينهن ڪان اڳ سنه ۶۸ ۾ وفات ڪري ڇڪو هو ۽ انهيءَ ڪري "حسنه" سان عبدالله نہ مگر سندس پٽ علي بن عبدالله جو وليد جي ڏينهن ۾ زندهہ هو تنهن شادي ڪئي هوندي. مگر اهو گمان بہ نتجناسي جي هن ڪان اڳ آيل (ص ۲۷۹) بيان جي خلاف ٿيندو، جنهن موجب خود ڪعب بن مخارق (جو ان وقت خليفي وليد وٽ موجود هو) جي زباني بيان ٿيل آهي تہ خليفي، ڏاهر جي پاڻيجي سندس حوالي ڪئي ۽ هن سائس شادي ڪئي مگر ڪيس منجهائنس اولاد ڪونہ ٿيو. (ن ـ ب)

۲۸۶ / [۱۹۷] نافع سنه ٽيانوي ۾ لکيو: خاطريءَ سان چئي ٿو سگهجي تہ هيءُ نافع جو حجاج جو ڪاتب يا سيڪريٽري هو سو ڪير هو. هيليان نافع نالي شخص لڳ ڀڳ انهيءَ زماني جا آهن: (۱) نافع بن جبير بن مطعم جو تابعي هو ۽ سنه ۹۹ هہ ۾ وفات ڪيائين؛ (۲) نافع مولي آل زبير جو تاريخ جي مشهور راوين مان هو؛ (۳) نافع بن الحارث بن کلدة، زياد جو پٽ؛ (۴) نافع بن هرمز مولي عبدالله بن عمر رضہ جو پڻ تابعي ۽ حديث جي معتبر راوين مان هو، ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز کيس نبي صلعم جي سنت سيکارڻ لاءِ مصر ڏانهن موڪليو هو. سنه ۱۱۷ يا ۱۲۰ هہ ۾ وفات ڪيائين. ممڪن آهي تہ هي پويون نافع هن خط جو لکندڙ هجي. والله اعلم بالصواب. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲۸۹ / [۱۹۹] هي اهي مسلمان زالون آهن جن حجاج جو نالو ونڻي ٿي دانهون ڪيون: هي ڏاهر جي وزير سياکر جي زباني آهي جنهن ڏاهر جي قتل بعد محمد بن قاسم آڏو پيش ٿيڻ وقت اهي زالون حاضر ڪيون. ٿي ص ۱۲۵ تي چاڻايل آهي، ته جهازن جي قرجڻ وقت، بني عزيز قبيلي جي هڪ عورت هئي، جنهن حجاج جو نالو ونڻي واهر لاءِ سڏ ڪيا. البت اڳتي وري چاڻايل آهي ته ديبل اندر قيد ۾ جملي مسلمان زالن حجاج جو نالو ونڻي واهر لاءِ سڏ ڪيا. ان بعد ص ۱۵۲ تي بيان ٿيل آهي ته جڏهن محمد بن قاسم ديبل فتح ڪيو تڏهن مسلمان زالون ۽ مرد جيڪي سراندیپ واريون پيڙهين مان قيد ٿيا هئا يا جيڪي بديل جي لشکر مان قيد ٿيا هئا سي سڀئي آزاد ڪيا ويا. وزير سياکر جي متعين بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته گرفتار ڪيل قيدين مان ڪي چند زالون خود راجا ڏاهر وٽ قيد هيون جي سندس قتل بعد وزير سياکر جي پيش ٿيڻ وقت حاضر ڪيون ويون.

۲۹۱ / [۲۰۱] جلوالي: هن صفحي تي اصل فارسي متن ۾ "برشط نهر جلوالي" (يعني جلوالي نهر جي ڪپ تي) الفاظ آيل آهن جنهن مان صاف ظاهر آهي ته "جلوالي" مهراڻ درياءَ جي ڪا هڪ نندي شاخ هئي. انهيءَ لحاظ سان هن ساڳئي صفحي تي "آبگير جلوالي" مان مراد "جلوالي جو ڏورو" آهي. وري صفحي ۳۱۵ / [۲۱۶] تي اصل فارسي متن "جوئي جلوالي" (يعني جلوالي جو ڏورو يا نهر) جو ذڪر آهي.

زير بحث صفحي مان پڻ ظاهر آهي ته نهر جلوالي، برهمڻاباد جي شهر جي ايرندي طرفان وهندڙ هئي ۽ محمد

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن قاسم برهمٹاباد تي چڑهائي وقت هن نهر جي ڪناري تي اچي ڪئمپ ڪئي.

هي قديم نالو "جلوالي" (پاڻي واري) غالباً آهستہ آهستہ ڦري "جرواري" ۽ "جراري" ٿيو، "چراڙي" جو ڳوٺ ۽ ديهہ (شهدادپور کان ۱۰ ميل اوڀر طرف) اڄ ڏينهن تائين مهراڻ جي انهيءَ قديم ديوري يا شاخ جي قديم نالي جي يادگار طور موجود آهي. چراڙي وٽ انهيءَ قديم ديوري جا نشان هن وقت بہ نمايان طور نظر اچن ٿا ۽ هي ڳوٺ انهيءَ قديم ديوري جي بلڪل ڪپ تي آهي.

ميجر جنرل هيگ، جنهن ۱۸۷۷ واري پڙهائش (Survey) وقت مهراڻ جي مڙني ديورن جي ماپ ڪئي، هن نهر جلوالي جي مجرا ۽ پيٽ جو عرب جغرافيہ نويسن جي بيانن ۽ پنهنجي معائني جي بناء تي پورو پورو پتو ڏنو آهي. سندس بيان موجب: هيءَ شاخ، سڪرنڊ کان ۱۰ ميل اوپر طرف ڪلري ولهان مکيہ درياءَ مان نڪري، هيٺ منصوره جي اوپر پاسي کان وهي، (ڏکڻ طرفان ور ڪري) منصوره کان ۱۰ ميل ڏکڻ-اولهہ طرف اچي (مکيہ درياءَ) لوهاڻي ۾ ڳڏبي هئي. ان جي جملي ديگهہ يقيني طور ۵۰ ميل کن هوندي .... اها شاخ عرب جغرافيہ نويسن (نقشي ۾) مهراڻ درياءَ جي پيٽ واري سڌي لائين جي ڏاکڻي حصي ۾ اڌ گول جي صورت ۾ ڏيکاري آهي. ۱۰ هـ (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ۱۳۵).

جلوالي جي انهيءَ قديم ديوري جا نشان ڪٿي ڪٿي اڃا تائين موجود آهن ۽ تر جي ڪن پيرسن ماڻهن کي اڃا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تائين انهيءَ جي پراڻي پيٽ جو پتو آهي. سر زمين تي تحقيق ڪري ان بابت وڌيڪ هيٺيان حالات هٿ ڪيا ويا آهن، جي ميجر جنرل هيگ جي مٿين مختصر بيان تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهن ٿا.

جلوالي شاخ مکيه درياء سان ڪلري وٽان نڪرندي هئي. ڪلري عرب جغرافيه نويسين جي نقشن ۾ ڏيکاريل آهي ۽ هن وقت اهو نالو شهدادپور تعلقي جي هڪ ديهه جي نالي ۾ محفوظ آهي جا نواب شاه کان ۳ ميل اوپر طرف آهي. ڪلري کان هيٺ هن ڏوري جي ٻن وهڪرن جا نشان ملن ٿا: هڪ ته. گهاڻي ۽ مهرن ڪان ٻوءِ ڪونهيري وارو ڪرڙو جو شاهپور چاڪر جي اتران، برهون جي الهندي طرفان ۽ ڏکاڪ جي ڀرڙي جي اوپر طرفان اچي ٿو؛ ۽ ٻيو هيٺ ڏکڻ طرف سمير وارو ڏورو جتي ٻوءِ سمراهه ٿيو. ڪلري ۽ سمير بابت ماموئي جي بيتن ۽ مثال مان هيٺيون قديم سنڌي بيت شاهد آهي ته:

سُمير ۾ نہ ساريون ٽيندڙون، ڪلريءَ ۾ نہ ڪماند،
هاري ۽ هر ڏاند، نہ جاڻان ڪيهيءَ ويا.

شاهپور چاڪر کان هيٺ اهو قديم ڏورو ڏکڻ اوپر طرف وهي اچي موجوده جمڙاڻو واهه جي "ڪنگ ٻڌي" جي سوري جي اتر طرفان ايرندي ڏي ور ڪائيندو هو. آڪاڻي وقت ۾ انهيءَ حصي کي "نار" سڏيندا هئا ۽ شاهپور کان جمڙاڻو تائين واري پٽ کي اڃا تائين "نار وارو پونو" ڪري سڏين ٿا. جمڙاڻو کان اهو ڏورو اوپر طرف (موجوده سنجهوري تعلقي ۾) سيراند جي جوءَ سان وهندو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو ، جتي انهيءَ وهڪري جي جهونين ڏنڊن جا نيشان آهن جي مقامي طور "جعفر خان لغاري جا ڪنب" سڏجن ٿا. سرانڊ بعد اهو ڏورو ور ڪري ڏکڻ طرف وهندو هو ۽ انهيءَ وهڪري جا نيشان ڳوٺ بلي لغاري ۽ ڳوٺ هرڙا جي وچ ۾ واري جي صورت ۾ "صوبي جي ڊب" ۽ "طالب شاهه جي ڊب" جي نالي سان موجود آهن. ان بعد ميتلن ۽ جراڙي ولهان وهي قديم شهر منصوره وٽ غالباً دوشاخو ٿيندو هو: مکيه شاخ شهر منصوره جي اوڀر طرفان ۽ ننڍي شاخ اولهه طرفان وهي شهر کان هيٺ ڪٽي وڃي گڏيون هيون ۽ منصوره جي شهر کي ڇڻ هڪ ٻيٽ بنائي ڇڏيديون هيون. قديم منصوره جي ڪنڊرات جي اوپر ٽوڙي لڳو لڳ اولهه طرف ، انهن ۾ شاخن جا نيشان موجود آهن. ان بعد هي ڏورو منصوره جي شهر کان هيٺ، ڏکڻ طرفان ور ڪري اولهه طرف وهي غالباً شهيگ مري جي ڳوٺ وٽ يا ان کان ذرا ڏکڻ طرف وڃي مکيه درياءَ لوهاڻي ۾ پوندو هو. لوهاڻي جو شاهي ٻيٽ اتي هينئر به باقل نمايان طور نظر اچي ٿو. (ن ـ ب)

۲۹۳ / [۲۰۲] ذوالحج مهيني جي ڇاڙي ۽ آچر جو ڏينهن سنه ٽيانوي هو: فتحنامي ۾ ڏنل تاريخن ۾ وڏيون غلطيون آهن. مثلا ص ۲۶۱ تي چاڻايل آهي ته راجا ڏاهر ، ۱۰ـ رمضان سنه ۹۳ هـ ۾ راوڙ جي قلعي وٽ قتل ٿيو. ان بعد محمد بن قاسم بهرور ۽ دهليله جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. هڪ قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ ۾ مهينا ڪن گهيرو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرٽو پيس- انسان پوء برهمٽاباد آيو جتي سندس پڇڻ جي تاريخ وري مهينو رجب سنه ۹۳ هـ ڄاڻايل آهي (ص ۲۹۲) برهمٽاباد ڪي ڇهه مهينا گهيري ڪندي گذريس ڏا مگر، زير بحث صفحي جي عبارت موجب، اڄا به هي سال سنه ۹۳هـ ۽ ذوالحج جو مهينو آهي.

جيڪڏهن ڏاهر جي قتل واري تاريخ صحيح قرار ڏجي، تہ به ٿلهي ليکي محمد بن قاسر رجب سنه ۹۴ هـ ۾ برهمٽاباد پهتو هوندو ۽ ڇهن مهينن بعد ذوالحج جو مهينو سنه ۹۴ هـ هوندو ۽ نہ سنه ۹۳ هـ. بتحقيق هوڏي والا (ص ۹۴) ڪيلينڈر موجب ۾ تاريخ ۲۹ ذوالحج سنه ۹۴ (۲۵ سپٽمبر ۷۱۳ع) آڇر جو ڏينهن ٿئي ٿو. (ن - ب)

۲۹۴/[۲۰۲] عطية ثعلبي: هن جاء تي فارسي متن ۾ "عطية ثعلبي" آهي. هي ساڳيو نالو هن کان اڳ ص ۲۲۳ تي اچي چڪو آهي جتي ۾ هڪ پڙهڻي "عطيه ثعلبي" آهي، مگر ر م نسخن جي پڙهڻي موجب "ثعلبي" معلوم ٿئي ٿو. جيئن تہ "ثعلبي" نسبة غير معروف آهي اسان انهن ٻنهي جاين تي "ثعلبي" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي.

مگر تي سگهي ٿو تہ "عطية بن ثعلبي" دراصل ۾ "عطية بن ثعلبية" هجي. عطية بن ثعلبية جو نالو تاريخ ۾ ٻڌ ملي ٿو. هو ٻوئين اموي دؤر جي مشهور وائسراء ۽ ڪمانڈر يزيد بن عمر بن هبيرة الفزاري جو ليفٽيننٽ هو ۽ يزيد بن عمر ڪيس ضحاڪ خارجي جي خليفي عبيدة جي مقابلي لاء ڪوفه ڏانهن موڪليو هو- ڏسو تاريخ العيون والحدائق جلد ۳، ص ۱۶۴. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲۹۴/[۲۰۲] خريم بن عمرو المدني: متي نوٽ ص ۲۵۲\[۱۷۴] تي هن نالي جي نسبة متعلق چاڻايو ويو آهي ته فتحناميءَ جون جملي ڇپڻهٽيون "المدني" طرف رهنمائي ڪن ٿيون، مگر هڪ مستند تاريخي حوالي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته "المدني" دراصل "المُرّي" جي بگڙيل صورت آهي ۽ صحيح نالو غالباً "خريم بن عمرو المري" آهي. ابن عساڪر جي حوالي (التاريخ الڪبير ۵×۱۲۸) مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس سڄو نالو خريم بن عمرو بن الحارث بن خارجة بن سنان المري هو ۽ "خريم الناعم" جي لقب سان مشهور هو. حجاج وٽ سندس وڏي عزت هئي ۽ ڪيس وڏي ۽ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو. هو شڪل جو ڪارو هو مگر عقل ۽ اڪابر هو. ڪائنس ڇڄائون ته، نعمت ڪهڙي شيءِ آهي- ڇائين ته ڀرين ون امن، ڇاڪاڻ ته ڊپ واري لاءِ لذت محال آهي؛ ٻيو هوند، ڇاڪاڻ ته اٿوند لاءِ فرحت مشڪل آهي؛ ٽيو تندرستي، جو بيمار لاءِ خوشي محال آهي.

ابن عساڪر جو متيون حوالو (ته حجاج وٽ خريم جو وڏو قدر هو ۽ هو ڪيس وڏي ۽ وڏو شريف ڪري سمجهندو هو، ۽ خريم وڏو عقلمند ۽ دانـاء هو) فتحنامي ۽ خريم بابت آيل بيانات جي تصديق ڪري ٿو. مثلاً فتحنامي ۽ ص ۱۴۴ تي خود حجاج جي زباني چاڻايل آهي ته "خريم .... سهڻين عادتن ۽ وٽندڙ اخلاقن سان سينگاريل آهي." وري ص ص ۳۲۴ ـ ۳۲۵ تي چاڻايل آهي ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"خريم هڪ داناء ۽ هوشيار شخص هــو، ۽ تنهن سان گڏ ديندار ۽ امانت وارو هو." انهيءَ ڪري ڪافي وٽـوق سان چئي سگهجي ٿو تہ فتحناميءَ ۾ "المدني" دراصل "المري" جي تحريف آهي ۽ صحيح نالـو خُرَيْم بن عَمْرو المُرّي سمجهڻ گهرجي. (ن ـ ب)

۲۹۵ / [۳۰۴] راجڻري: متين عبارت سان ظاهر آهـي تہ علائي، طاڪيه سان ٽيندو رويو جي سـرحـد تي پهتو جتان "راجڻري" طرف خط لکيائين. عموماً، طاڪيه "تڪاديش" يا اتر پنجاب جو نالو آهي، مگر ٽي سگهي ٿو تہ هت مراد قديم ناڪيشر وارو علاقوَ هجي، جتان ڪشمير جو تختگاهہ راجڻري ٽمام گهٽو پري ڪونہ هو. بيروني پنهنجي "ڪتاب الهند" (انگريزي تـرجمي، ۱×۲۰۸) لـکي ڏو تہ "(ڪلارجڪ پهاڙ) هميشہ ناڪيشر ۽ لوهاور جي اراضين سان نظر اچي تـو .... 'راجـوَري' جـــو شهر (هن جبل جي) چوٽيءَ کان (نقط) ٽن فرسنگن جي مفاصلي تـي آهي." فتحناميءَ ۾ پـــڻ زير بحث صفحي تي حاڪايل آهي تہ "اهو تختگاهہ (راجڻري) جبل ۾ آهي"، جنهن سان تصديق ٿئي ٿي تہ فتحناميءَ جـــو "راجڻري" ساڳيو ڪشمير جو تختگاهہ "راجـوري" آهـي جنهن جو بيروني ذڪر ڪيو آهي. (ن ـ ب)

۳۰۲ / [۳۰۷] ۽ لاڏي گرفتار ٿـــي: متان هلندڙ عبارت سان ظاهر آهي تـــہ ڏاهر جي زال لاڏي، راوڙ ۾ ڏاهر جـي قتل ٿيڻ کان پوءِ برهمٽاباد ۾ آئي ۽ قلعي ۾ جنگ جـون تيارين ڪري محمد بن قاسم جو مقابلو ڪيائين، مگر اوچتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قلعي جو دروازو کلي ويو ۽ محمد بن قاسم جي فوج وارن اچـــي لاڏيءَ کي گرفتار ڪيو. هيءُ بيان مٿي ص ٢٦٩ / [١٨٦] واري بيان جي مخالف آهي جنهن ۾ چاڻايل آهي ته لاڏي، محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي وچ ۾ لڳل جنگ واري ميدان تي پاڻ کـي آڻ ڄاڻ هيٺ ڪيرايو ۽ محمد بن قاسم جي ماڻهن هٿان گرفتار ٿـي. وري ص ٣٠٤ / [٢٠٨] نـــي ٻيو متضاد بيان ڏنل آهـي تـــ برهٽاباد جي قلعي فتح ٿيڻ بعد محمد بـن قاسم ۽ برهمڻ جي درميان عهدنامو ٿيو ۽ ان بعد انهيءَ عهدنامي جي بناء تـــي ٿـــي برهمڻ لاڏيءَ کي بهري مان ڪڍي محمد بن قاسم جي آڏو پيش ڪيو.

فتحنامي جي انهن متضاد حوالن مان ظاهر آهي ته لاڏيءَ جي گرفتاري ۽ ان بعد محمد بن قاسم جي سائس شادي وارا جملي بيان ضعيف ۽ هڪٻئي جي مخالف آهن ۽ انهيءَ ڪري تاريخي اعتبار کان غير معتبر. (ن.ب)

٣٠٢ / [٢٠٧] ڏاهر جـي زال لاڏي قلعي ۾ آهي: ڏاهـر جون ٻ ڌيئون ٻئ ٻيـن زالن جي وچ ۾ منهن ڏيکيو ٻيٽيون هيون، جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا وڃارياٿين: يعني محمد بن قاسم کي معلوم ٿيو تـ ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهـي، باقي ڏاهـر جـون ڌيئون گرفتار ٿيل زالن ۾ موجود هيون جن کي محمد بن قاسم جـدا ڪري وڃاريو، فتحنامي ۾ هن قسم جون حڪايتون محض هڪ انسانو آهن. لاڏيءَ متعلق متضاد بيانـات تي مٿين نـوٽ ۾ تبصره ڪيو ويو آهي. هت راوي، هن حڪايت کي دلچسپ بنائڻ لاءِ لاڏي جي علاوه ڏاهر جي ٻـن ڌيئن کي ٻـڻ شامـل ڪيو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ڏاهر حون کي ڏيئون گرفتار ٿين ها ته عرب مؤرخ ان اهم واقعي جو ضرور ذکر کن ها. مگر کنهن به عربي تاريخ ۾ اهڙو ذکر موجود کونهي. خود فتحنامي جي صفحي ۳۰۰ تي هنن حڪايتن جي شروعات ٿي هن طرح ڪئي وئي آهي ته "برهمڻاباد جي سڀني ماڻهن کان ڏنڈ کٽائين ۽ آئين ٿا (در اقاويل مي آرند)". انهيءَ ڪري اهي حڪايتون ۽ بيان مخض اقاويل ۽ ڏنڈ کٽائڻ ٿي سمجهن گهرجن. (ن.ب)

۱۴-۲۱۱ / [۲۱۴] سؤ درهمن اصل مال مان.... نائبن جي سامهون حفاظت ۾ رهي: "اصل مال" مان هت مراد غالباً زمين جي سرڪاري ڀل آهي ۽ نه مُور، ڇاڪاڻ ته هيٺ صاف طور چاٽايل آهي ته باقي جيڪي بچي سو خزاني ۾ پيارجو وڃي. عبارت جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته جملي سرڪاري ڀل مان سؤ درهمن تي ٿي درهم، مقامي ماڻهن کي خير خيرات ۽ ٻين سماجي ڪمن لاءِ منظور ڪري ڏنا ويا، ۽ ڪين تاڪيد ڪيو ويو ته انهيءَ رقم مان جيڪي برهمڻن جو حق هجي سو کين ادا ڪن.

هن عبارت جو پهربون پاڳو اصل فارسي متن ۾ هن طرح آهي: "باقي در وجه خزانه در قلم اصحاب و حضور نواب در حفظ مي باشد." هوڙي والا (ص ۹۶) هن عبارت تي هيٺين طور پنهنجا مفيد ريمارڪ قلمبند ڪيا آهن:

تاريخي ڪتابن ۾ خواهه عام مخاوري ۾ 'حضور' بمعني مرڪزي حاڪم يا حڪومت (Central Authority) جي استعمال ٿئي ٿو. لهذا

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"حضور نواب" جي معني ٿيندي محمد بن قاسم جي طرفان مقرر ڪيل "هز ايڪسيلنسي گورنر" هن عبارت ۾ "اصحاب و حضور نواب" واري فقري ۾ "و" زائد آهي ۽ صحيح فقرو "اصحاب حضور نواب" ٿيڻ گهرجي، يعني ته "حضور نواب جا آفيسر". لهذا هن جملي جو مطلب ٿيندو ته: باقي رقم خزاني ۾ پيارڻ گهرجي، ۽ اها رقم حضور نواب جا آفيسر مجرا ڏيڻي داخل ڪندا.

متين وضاحت جي بناء تي متن ۾ هن جملي جي ڏنل ترجمي ۾ ٻڌ آخري مطلب مطابق ترميم ڪرڻ گهرجي. (ن - ب)

٣١٢/[٢١٤] حڪم بن عوانة ڪلبي: ظاهر آهي ته حڪم بن عوانة سنڌ جي فتوحات ۾ محمد بن قاسم جي فوج ۾ شامل هو ۽ سنڌ ڪافي چگي پوزيشن هئي جو برهمڻ محمد بن قاسم سان پنهنجي سياسي صلح ۾ ڪيس وچان آندو. سنڌ ۾ حڪم جي انهيءَ فوجي تجربي جي بناء تي ٿي بعد ۾ تقريباً سنه ١١١ هـ ڌاري ڪيس سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ ڏهن سال ڪن هو انهيءَ عهدي تي قائم رهيو ۽ وڏيون فتحون ڪيائين تان جو سنه ١٢٢-١٢١ هـ ڌاري سنڌ ۾ ٿي شهيد ٿيو. (ن - ب)

٣١٦/[٢١٧] هند جي شهرن ڪي - ويندي چيڻ جي حد تائين - فتح ڪرڻ توتي لازمي آهي، امير قتيبة بن مسلم

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قريشي کي [بڻ چين فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي. سپ [عراقي] غلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جهم بن زحر بن قيس کي به هن ڏانهن موڪليو وڃي؛ ۽] مقرر ڪيل [عراقي] لشکر سائس گڏجي: فارسي ايڊيشن جي اصل عبارت هن طرح آهي:

"برتو باد کہ بلاد هند تا بحد چين مسلم کني. و امير قتيبه بن مسلم الباهلي را نامزد کرده شد. گر و گاني جمله بوي تحويل کنند، و لشکر نامزد کرده باوي ميرود"

هن فارسي عبارت ۾ ظاهراً وڏو خلل آهي، ۽ کاتبن جي غلطيءَ سبب کي فقرا حذف ٿي ويا آهن جنهن ڪري ان مان ڪوبه خاطر خواه مطلب ڪونه ٿو لڪي. اسان کافي تحقيق بعد عربي ماخذن مان هن عبارت جي تصحيح ڪري ڪٽل فقرن جو چورس ڏنگين ۾ اضافو ڪيو آهي. کيل تصحيح جا هيٺيان پهلو غور طلب آهن:-

(١) اول ته قُتَيْبَةَ بن مُسْلِم عام طرح تاريخن ۾ "اَلْبَاهِلِيّ" جي نسبة سان مشهور آهي مگر هت حجاج کيس "قريشي" سڏي ٿو جنهن جا ٻ سبب آهن:- پهريون ته باهلي قبياي وارا "مالک بن اَعْصُر بن سَعْد بن قَيْس عيلان بن مُضَر" جو اولاد آهن (ابن حزم، جمهرة ص ٢٢٣) ۽ انهيءَ ڪري قريش مان آهن جنهنڪري کنهن "باهلي" شخص کي "قريشي" سڏڻ صحيح آهي. مگر ٻيو خاص سبب جنهن جي ڪري قتيبه کي حجاج باهلي جي بدلي قريشي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سڏي ٿو سو هيءُ آهي جو "باهلي" جي نسبت ۾ عربن جي نقطه نظر کان ذرا عيب هو، ڇاڪاڻ ته باهلي قبيلي وارن جي ڏاڏي مالڪ جي شادي "مُزدحج" قبيلي سان "باهلة بنت سعد بن سعد العشيرة" سان ٿي هئي. مالڪ جي مرڻ بعد، سندس پٽ سَعْن وري پنهنجي ٻيءُ جي زال "باهلة" سان شادي ڪئي (ابن حزم، جمهرة ص ٢٣٤). انهيءَ ڪري ٿي ڪي خاص سمجهدار عرب خود کي "باهلي" سڏائڻ کان عار سمجهندا هئا.... مشهور عرب عالم عبدالملڪ بن قُرَيْب الاَصْمَعي، "قتيبة بن معن بن مالڪ" جي اولاد سان هو، مگر چوندو هو ته "آءٌ باهلة جي اولاد سان ڪوڻ آهيان، ڇاڪاڻ ته قتيبة بن معن کي باهلة هرگز ڪوڻ ڇڻيو هو" (ايضاً ص ٢٣٤). غالباً حجاج ۽ انهيءَ عار جي خيال کان ٿي امير قتيبة کي "باهلي" جي بدلي "قريشي" سڏي ڏيو. قتيبة جو پيڙهي وار شجره هن طرح آهي: قتيبة بن مُسْلِم بن عَمْرُو الحُصَيْن بن رَبِيعَة بن خالد بن اَسِيد الخير بن قُصاعِيّ بن هِلال بن سَلامة بن ثَعْلَبة بن وائل بن سَعْن بن مالڪ بن اَعْصُر بن سَعد بن قَيْس عَيْلان بن مُضَر (ايضاً، ص ٢٣٤).

(٢) ٻيو ته فتحنامي جي اصل ناقص فارسي عبارت (جنهن جي تصحيح ڪئي وئي آهي) سان ظاهر آ هيئين انوسان نڪرن ٿا: هڪ ته حجاج، محمد بن قاسم ڏانهن چين جي فتح لاءِ لکيو ۽ ڪيس اهڙا پڪ خبر ڏنائين ته امير قتيبه بن مسلم کي پڻ انهيءَ سلسلي ۾ مقرر ڪيو ويو آهي؛ ٻيو ته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم ڏانهن لکيائين تہ کي ماڻهو ڪنهن شخص جي حوالي ڪري، جي ساڻس گڏجي وڃن.

ٻئين انوسان تي يعقوبي (٢×٢٤٦) جي هيٺين بيان مان روشني پوي ٿي: (ٻيرون جي صلح بعد) محمد بن قاسم، حجاج کان اڳتي وڌڻ جي اجازت گهري، جنهن تي لکيائينس تہ پلي اڳتي وڌ، ۽ جيترو ملڪ تون فتح ڪندين ان جو حاڪم تون ٿي آهين؛ ۽ خراسان جي گورنر قتيبة بن مسلم ڏي لکيائين تہ اوهان ٻنهي مان جيڪو اڳ ۾ چين فتح ڪندو اهو ٿي ان جو حاڪم ٿيندو. ٩٠ هـ. مؤرخ طبري (١× ٩-٨٨٩) ۾ لکيو آهي تہ حجاج طرفان "محمد ۽ قتيبة ٻنهي کي چين جي آڇ ٿيل هئي."

انهن ۾ معتبر حوالن جي بناء تي، عبارت جي ٻئين ياڳي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. عبارت جي ٻوئين ياڳي مان جو انومان لڳي ٿو، ان کي طبري (٢×١٢٥٧) جو هيٺيون بيان روشن ڪري ٿو:

"حجاج، محمد بن قاسم ثقفي ڏانهن لکيو تہ تنهنجي طرفان عراق وارا (فوجي دستا) قتيبة (بن مسلم، خراسان جي ڪمانڊر) ڏانهن موڪل، ۽ جهم بن زحر بن قيس کي ۾ روانو ڪر چاڪاڻ تہ شامي فوج کان عراقي فوج ۾ هٿ سنڊس واسطي بهتر آهي.... (چنانچ جهم بن زحر سنڌ سان عراقي فوج وٺي روانو ٿيو ۽) سنه ٩٥هـ ۾ هو قتيبة وٽ پهتو."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طبري جي هن معتبر حوالي جي بناء تي، فتحنامي جي هن ناقص عبارت جي پـوئين پاڳي جي تصحيح ڪئي وئي آهي. (ن ـ ب)

٣١٦/[٢١٧] اي سوٽ! تون پڻ اهـــو ڪو ڪارنامو ڪج جيئن [تنهنجي پيءُ] قاسم جـو نالو روشن ٿئي: اهي الفاظ حجاج طرفـــان محمد بن قاسم ڏانهن لکيل آهن. اصل فارسي متن ۾ "سوٽ" جي بدلي "ابن عم" (چاچي جو پٽ) آهي ۽ متي ص ٤٤٠ تي واضح ڪيو ويـــو آهي ته محمد بـن قاسم، حجاج جـي چاچي جو پٽ نه بلڪ سوٽ (قاسم) جو پٽ هو. پيو ته حجاج، محمد بن قاسم کي لکي ٿو ته اهڙو ڪو ڪارنامو ڪر، جو تنهنجي پيءُ قاسم جو نالو روشن ٿئي. اهو هڪ همت افزائي جو عـام فقرو آهي؛ مگر غالباً ان ۾ هڪ خاص حقيقت ڏانهن به اشارو آهي، ۽ اهو هيءُ ته محمد جـو پيءُ قاسم ان وقت پنهنجي همعصرن جي پيٽ ۾ ايوجهه ۽ اياڻـو هـو ۽ انهيءَ ڪري ئي کيس "حمقي ثقيف" (يعني ثقفي قبيلي وارن ۾ اياڻو) سڏيندا هئا. (ڏسو ڪتاب المحبّر، ص ٣٨٠). شايد حجاج جي متئين فقره جي اها مراد آهي ته قاسم جي پنهنجي شهوت ايتري ڪاهي، انهيءَ ڪري تون ڪو اهڙو ڪارنامو ڪر، جو سندس نالو تنهنجي طفيل مشهور ٿئي. (ن ـ ب)

٣١٧/[٢١٧] شهر برهمڻاباد، يعني ٻانيڙاهه: هت "يعني ٻانيڙاهه" وارو فقرو غالباً فتحنامي جي فارسي مترجم طرفـان توضيح طور وڌايل آهي. سنڌيءَ ۾ برهمڻ ڪـــي عـــام

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرح ٻانيڻ جيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ لحاظ سان برهمٽاباد کي مقامي طور "ٻانيڙاهم" سڏيو ويو. مگر آڪاليءَ وقت ۾ "ن" جو آڇار "ڙ" جي صورت ۾ هو، ۽ فتحناميءَ جي هيءَ عبارت تصديق ڪري ٿي ته سنه ٦١٣ هـ ۾ جڏهن علي ڪوفي فتحنامي جو ترجمو ڪيو، تڏهن هن شهر کي مقامي طور "ٻانيڙاهم" سڏيندا هئا. وڌيڪ لاءِ ڏسو متي ص ٣٩٦، نوٽ ص ٢١/[١٥]. (ن - ب)

٣١٨/[٢١٧] وَداع بن حُمَيْد البَحْري: فتحنامي ۾ متي ص ١٥٤ ۽ ص ١٧٧ تي "حميد بن وداع" جو ذڪر آيو آهي، جو غالباً هن شخص جو پٽ آهي، جنهن جو نالو پڻ "حميد" هو. بهرحال انهن صفحن تي توڙي هن صفحي تي انهن بنهي ٻيءُ پٽن جي نسبت "النجدي" جاڻايل آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ زير بحث صفحي ٣١٨/[٢١٧] جو حاشيه ـ١ ڏسڻ گهرجي. مگر "النجدي" حقيقت ۾ "البحري" جي بگڙيل صورتخطي آهي ۽ صحيح نسبة "البحري" ٿي آهي. ابن حزم، پنهنجي ڪتاب "جمهرة انساب العرب" (ص ٢٩٨) ۾ لکي ٿو ته "وداع بن حميد، بَنُو بَحْري" جي قبيلي سان هو. هو وڏو اشراف هو ۽ (محاذ) هند جو حاڪم مقرر ٿيو. هي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن مُهلب جي پٽن آوڏو قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ "ڪير اندر اچڻ نه ڏنائين."

متين بيان مان ابن حزم جو اشارو شهر قندابيل جي قلعي ڏانهن آهي، جنهن جو ذڪر عربي تاريخن ۾ مشهور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي. يزيد بن مهلب عراق جي وائسراء پنهنجي طرفان وداع بن حميد کي قندابيل (گنداوا) جو گورنر مقرر ڪيو هو. ان بعد يزيد بن مهلب بغاوت ڪئي ۽ سنڌ پاڻ مفصل ۽ ٻيا، شاهي فوجن کان پڄي قندابيل طرف روانا ٿيا. ڪين اميد هئي ته قندابيل ۾ سندن خاص ماڻهو گورنر آهي ۽ انهي قلعي ۾ رهي مقابلو ڪندا. مگر جڏهين هو قندابيل پهتا تہ وداع بن حميد قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ ڪين اندر داخل ٿين نہ ڏنائين (ڏسو طبري ٢×١٤١٢).

٣١٨/[٣١٨] ڪچ وارو ملڪ جو ڪيرج جي بادشاهہ دروهر جي هٿ ۾ هو: عربي زبان ۾ ڏاريل، دخيل ۽ معرّب لفظ ۾ صورتخطي جي تبديل جي لحاظ سان "ڪيرج" دراصل "ڪيره" جو عربي اچار آهي. "ڪيره" غالباً گجرات جو مشهور قديم شهر "ڪيڙا" اصل قديم اچار "ڪيڙا" يا ڪندا) آهي، جو هن وقت ۾ ڪيڙا ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ڪيرا ضلعي جي اتر ۾ احمدآباد ضلعو، ۽ ماهي ڪنڊا ۽ ريوا ڪنڊا ايجنسي جي ننڍڙي رياست بالاسنور آهن؛ اولهہ ۾ ۽ احمدآباد ضلعو ۽ رياست ڪنيات اٽس؛ ۽ ڏکڻ ۽ اوير طرف ماهي ندي ۽ ٻڙودا رياست اٽس. ڪيرا جو شهر احمدآباد جي شهر کان ويهہ ميل اولهہ طرف آهي. ڪيرا جو شهر بلڪل آڪائو آهي، جنهن جي تاريخ مهابارت جي زماني تائين پهچي ٿي. انان لڏل هڪ ٽامي جي ٽالهيءَ تي ٥ـ صدي عيسوي جي اکريل سنڌ هن شهر جي قدامت تي شاهد آهي (ڏسو امپيريل گزيٽيئر آف انديا، جلد ١٤، ص ٢٨٦). فتحنامي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي هنن حوالن مان ظاهر آهي تہ ٨ صدي عيسوي ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت هي شهر راجا دروهر جي گاديءَ جو شهر هو، ۽ ڪچ جو ملڪ به راجا دروهر جي حڪومت ۾ شامل هو.

زير بحث صفحي تي جاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم ڪچ جو ملڪ، جو راجا دروهر جي هٿ ۾ هو، پنهنجي هڪ آفيسر هذيل بن سليمان الازدي جي حوالي ڪيو. اهو صحيح ٿي سگهي ٿو مگر هي بيان هن موقعي تي قبل ازوقت آهي؛ ڇو تہ ڪيرج يا ڪيرا فتح ڪرڻ کان اڳ محمد بن قاسم، راجا دروهر جي حڪومت جو هڪ حصو ڪيئن ٿي پنهنجي هڪ آفيسر جي حوالي ڪري سگهيو! مؤرخ بلاذري (ص ٤٤٠) جي بيان مان صاف ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم، ملتان فتح ڪرڻ بعد ڪيرج فتح ڪيو. انهيءَ ڪري هذيل بن سليمان کي هن انهيءَ فتح بعد ڪچ جو حاڪم مقرر ڪيو هوندائين. (ن - ب)

٣٣٠/[٢١٨] ساونڊي سڏ: يعني سمن جو شهر ساونڊي. اڪثي جاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم، برهمڻاباد جي فتح ۽ انتظام بعد ڪوچ ڪيو ۽ آخر اچي ساونڊي جي پسگردائي ۾ منزل ڪيائين جتي "هڪ فرحت افزا ڏنڊ ۽ سرسبز چراگاهہ هو، جنهن کي ڏنڊ وڪر بهار چوندا هئا" (ص ٣٢١). "وڪر بهار" جي نالي جي پڇاڙي "بهار" مان ظاهر آهي تہ "وڪر بهار" بدمت جو هڪ مندر هو. "ڏنڊ وڪر بهار" جي نالي مان ظاهر آهي تہ اها ڏنڊ به انهيءَ مندر جي نالي سان سڏبي هئي. هاڻي، محمد